# جُڳ جُڳ جالَ جيئنِ



سنڌي ادبي بورڊ

# جُڳَ جُڳَ جالَ جيئَنِ

[شهيد ڀٽو مزار ڪميٽي طرفان شهيد
ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڇاهٺين سالگره
جي موقعي تي، 5-جنوري 1994ع
تي، نئين ديري ۾، ”شهيد ذوالفقار علي
ڀُٽي جون قومي اتحاد ۽ وفاقيت لاءِ
خدمتون“ جي موضوع تي ٿيل
سيمينار ۾ پڙهيل تاثرات.]


**سنڌي ادبي بورڊ**

جامشورو سنڌ

2005ع

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1995ع | تعداد 1000 |
| ڇاپو ٻيو | جون 2005ع | تعداد 1000 |


[ هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ ]

قيمت: چاليهه روپيا
[Price: Rs. 40-00]

خريداري لاءِ:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي حيدرآباد
(فون ۽ فئڪس نمبر 0222-633679)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

"جُڳ جُڳ جال جيئن" جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي 66هين سالگره جي موقعي تي رٿيل سيمينار "شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جون قومي اتحاد ۽ وفاقيت لاءِ خدمتون" جي موقعي تي پڙهيل تاثرن تي مشتمل هڪ ڪتاب آهي. اهو سيمينار 5-جنوري 1995ع تي "شهيد ڀٽو مزار ڪميٽي" طرفان نئين ديري ۾ منعقد ڪيو ويو هو، جنهن کي پوءِ 1995ع ۾ تڏهوڪي بورڊ جي سيڪريٽري محترم شمشير الحيدري ڇپائي پڌرو ڪيو.

جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي گهڻ رخي شخصيت کان پاڪستان جو هر شعور وند ماڻهو واقف آهي، ڇو ته جناب ڀٽو پاڪستان جو اهو حڪمران هو، جنهن عوام ۾ جمهوريت جي هڪ گهڻ رُخي شعوري ڌارا پيدا ڪئي. جناب ڀُٽي ماڻهن ۾ اها سوچ پيدا ڪئي، ته زندگي مسلسل جدوجهد جو نالو آهي، جيڪا شيءِ هلندي هلندي هڪ هنڌ بيهي، ته جڻ فنا ٿي وئي- ۽ فنا ۾ ڪا به بقاءَ نه آهي.

جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جا ڏنل اهي درس عوام کي نئين سياسي سجاڳيءَ جي دور ڏانهن وٺي ويا. جن ماڻهن آمريتي دور ۾ اکيون پٽيون هيون ۽ ان ۾ ئي وڏا ٿيا هئا، تن کي جڏهن اهو شعور مليو، ته هنن پنهنجي آڏو جڻ هڪ نئين دنيا جا اسرار کُلندي ڏٺا. جناب ڀُٽي جا اهي لفظ اڄ به پاڪستان جي شعور وند ماڻهن کان نه وسريا آهن، جيڪي هن 8-ڊسمبر 1978ع تي هڪ هنڌ چيا هئا.

جناب ڀُٽي چيو هو: "آءٌ ڪا اهڙي شيءِ نه هيان، جنهن جون پاڙون نه هجن. آءٌ پنهنجو مُلڪ ڇڏي نه ويندس. آءٌ پنهنجون پاڙون نه ڇڏيندس."

www.bhutto.org

انهيءَ پسمنظر ۾ هي ڪتاب پڙهڻ سان ماڻهوءَ جي آڏو هڪ پيرو بيهر جناب ذوالفقار علي ڀُٽي جي وسريل شخصيت نروار ٿي بيهي ٿي.

ڪتاب جي پُراڻي ڇاپي ختم ٿيڻ ڪان پوءِ پڙهندڙن جي بي پناھ گهُرج ۽ مئنيجر ڪتاب گهر جي سفارشن جي مدنظر، ڪتاب ٻيهر ڇپائڻ جي ضرورت محسوس ٿي. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو اوهان سڄڻن جي هٿن تائين رسائي خوشي محسوس ٿئي ٿي ۽ اُميد ڪريون ٿا ته سنڌي ادبي بورڊ سان پڙهندڙن جو جيڪو روح جو رشتو جڙيل آهي، انشاءَ الله تعاليٰ اهو سدائين قائم رهندو.

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

**ڄامشورو، سنڌ**
جمعة المبارڪ ۹-جمادي الاول ۱۴۲۶ هجري
بمطابق
17- جون 2005ع

www.bhutto.org

# جُڳ جُڳ جالَ جيئن

www.bhutto.org

★ كامران شفيع ١

★ منو يائي ۴

★ نثار عثماني ٩

★ احمد فراز ١۵

★ اقبال آخوند ١٨

★ مير خدا بخش مري ٣٢

★ مولانا كوثر نيازي ٣٨


www.bhutto.org

# ڪامران شفيع

وزير اعظم، منهنجا پائروَ ۽ پيئرو،
السلام عليڪم.

حقيقت ڄاڻڻ ڪان سواءِ، ملڪ اندر يڪجهتيءَ جي سلسلي ۾، جناب ذوالفقارعلي ڀٽي جي ڪردار بابت ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اسين سڀ ڄاڻون ٿا، پر آءُ اوهان جو ڌيان ان طرف ڇڪائڻ گهران ٿو. جڏهن پاڪستان ١٩٧١ع جي اونداهن ڏينهن ۾ هو، هن هڪ اخلاقي طور پست قوم جي اڳواڻي سنڀالي. هن اهو ڪارنامو سر انجام ڏنو، جنهن لاءِ ڪيترائي اڳواڻ سڏون ڪن ٿا. ان وقت پاڪستان ٻن ٽڪرن ۾ ٽُٽي ۽ قومن جي ڀائيچاريءَ ۾ اڪيلو ٿي چڪو هو. ان جي معيشت تباهه ٿي چڪي هئي. بچاءُ وارين فوجن جي شڪست سان تذليل ٿي هئي. سڀ ڪان وڌيڪ، پاڪستان جي اوپر واري پرڳٽي جي الڳ ٿيڻ ڪان پوءِ ڇڙوڇڙ ٿيڻ واري لاڙي ڪي هٿي ملي. پر هن، ٢٠ - ڊسمبر ١٩٧١ع تي، صدر جي عهدي جو قسم کڻڻ ڪان پوءِ، تُرت ئي پنهنجيءَ تاريخي نشري تقرير ۾ واعدو ڪيو ته آءُ ٽُڪرن کي ميڙي يڪجا ڪندس- ۽ پوءِ هن پنهنجي پختي عزم ۽ وڏيءَ همٿ سان ٽُڪرن کي گڏ ڪيو. هن پاڪستان جي هٿياربند فوجن کي ايشيا ۾ اعليٰ "ملٽري مِشن" ۾ تبديل ڪري، بيهر مضبوط بنائڻ جو واعدو ڪيو. هتي، اسان جي گڏجاڻيءَ ۾، گهٽو ڪري آءُ هٿياربند فوجن تي شڪ جي نظر وجهان ٿو، پر جيڪڏهن هڪ فوجي آمر اٿي کڙو ٿيو ۽ هن پنهنجي فائدي ۾ ملٽري قوت کي استعمال ڪيو، ان جو اهو مطلب هرگز ڪونهي ته هٿياربند فوجون هڪ قومي ادارو نه آهن، ته پوءِ اهي ڇا آهن ۽ اهي ڪيئن آهن، انهن کي ائين ئي رهڻ گهرجي.



www.bhutto.org

جناب ڀٽي هن ملڪ جي هٿياربند فوجن لاءِ جديد هٿيارن وارو سرشتو حاصل ڪيو ۽ اوهين اها ڳالهہ ياد رکو تہ اهو اهڙو وقت هو، جڏهن پاڪستان بلڪل اڪيلو ٿي چڪو هو.

سڀ کان وڏي اهم ڳالهہ اها آهي تہ هن هٿياربند فوجن، خاص طور "آرمي" ۾ وڏي بنياد تي بدل پرتيءَ واري سرشتي کي روشناس ڪرايو، ان ڪري اڄ سنڌ ريجمنٽ پڻ قائم ٿي آهي . حقيقت ۾، ماڻهو هن قومي اداري ۾ وڏو فخر محسوس ڪن ٿا. گڏوگڏ، جناب ڀٽي دور رس صنعتي پروگرام جي شروعات ڪئي، ان خاص شعبي ۾ "هيوي انڊسٽري" وجود ۾ آئي. ان ڪوشش ۾ ٻڇاءُ واريون صنعتون، هيوي انجنيئرنگ ڪمپليڪس ۽ اسٽيل مل شامل آهن. ويهن سالن کان پوءِ ان پروگرام کي شروع ڪيو ويو.

ان ڳالهہ مان اهو ثابت آهي تہ هن پنهنجي ٿورڙي وقت ۾ گهڻو ڪجهہ ڪيو. اها ڳالهہ سندس ڪوشش جو نتيجو آهي جو هڪ رواجي پاڪستاني پنهنجيءَ قوم تي فخر ڪري ٿو ۽ ان سبب ئي هڪ وڏي قومي يڪجهتي قائم ٿي.

دنيا جي نظرن ۾ پاڪستان جي رُتبي کي ٻيهر بحال ڪرڻ، جناب ڀٽي جي وڏن ڪارنامن مان وڏو مُکيہ ڪم هو. اها ڳالهہ بين الاقوامي معاملن کي سمجهڻ ۽ ڪيس ان تي عبور حاصل هئڻ سبب ممڪن ٿي، اهڙيءَ ڳالهہ جو ڪاٿو ئي ڪونهي. ١٩٧۴ع ۾، لاهور ۾، مسلم اڳواڻن جي چوٿي واري گڏجاڻيءَ جو انعقاد ڪري، هن سڄي دنيا کي ڄاڻايو تہ عالمي سطح تي پاڪستان هڪ وڏي اسلامي طاقت آهي، جيڪو هڪ نمايان ڪردار ادا ڪندو. ان ڳالهہ کي ٻيهر ورجائڻ جي ضرورت ڪانهي تہ اهڙيءَ ڀرپور خود اعتمادي ڪري ملڪ ۽ ڏيساور ۾ پاڪستانين جي دلين ۾ فخر جي لهر پيدا ٿي ۽ ان قومي يڪجهتي



www.bhutto.org

قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو حصو ادا ڪيو.

جناب ڀٽي جي پرڏيهي پاليسيءَ واري رٿا ۾، اولهه وارن ملڪن جي ڀيٽ ۾، وچ اوڀر وارن ملڪن سان پاڪستان پختو رابطو قائم ڪرڻ وارو اهم جز هو. ان پاليسيءَ ڪري، غريب پاڪستانين لاءِ هزارين نوڪريون پيدا ٿيون، جيڪي نار جي منڊين ۾ ڪم ڪرڻ ويا ۽ ان سبب ملڪ ۾ ڪروڙن قيمتي ڊالرن جي منتقلي ٿي . چئني پرڳڻن ۾ اهڙي هڪ سياسي جماعت جي اڳواڻ هئڻ سبب، جناب ڀٽي کي قومي اتحاد ۽ يڪجهتي جي اصول جو نشان سمجهيو وڃي ٿو. سنڌي، پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچ، سڀيئي کيس پنهنجو اڳواڻ سمجهن ٿا. اهڙو رتبو فقط قائداعظم محمدعلي جناح کي حاصل ٿيو هو ۽ سندس بي وقت ۽ بي رحم وفات کان پوءِ ملڪ ۾ ڪنهن به پاڪستاني اڳواڻ کي اهڙي محبت ۽ وفاداري نه ملي هئي. خوش قسمتيءَ سان ملڪ ۾ نئين وزير اعظم جي صورت ۾ هڪ اڳواڻ مليو، جنهن کي سڀني پرڳڻن ۾ پذيرائي حاصل هئي. جناب ڀٽي کي سندس حياتي ۾ سنو آڌرڀاءُ مليو، ويتر سندس "قانوني قتل" کان پوءِ پاڪستان ۾ تلخي پيدا ٿي.

آخر ۾، پنهنجي پرڳڻي کي آءُ هڪ پنجابي هئڻ جي ناتي سان خبردار ڪندس ته پنجاب جي قوت جو نشان غريب عوام آهن، جيڪي ملڪ جي وڏي گهڻائيءَ واري آبادي آهن. آءُ سول ۽ ملٽري، دانشور ۽ ڪاروباري، ٻنهي پنجابي حاڪمن کي خبردار ڪندي چوندس ته اهي هن خوبصورت ملڪ جي حدن اندر رهڻ سکن. هن ملڪ جي ٻين وفاقي ايڪائين جا ماڻهو هڪ جهڙا ئي محب وطن آهن. پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته اوهين گهڻائي ۾ آهيو، تنهنڪري اها ڳالهه اوهان کي ٻين ڪمزور پرڳڻن جي ماڻهن جي زندگي ۽ موت تي اختيار ڏئي ٿي.

مهرباني –



www.bhutto.org

# منو پائي

وزير اعظم بينظير ڀٽو، ۽ منهنجا ساٿيو، پينرو ۽ ڀائرو!

جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ شهادت کان وڏي ڪا شاهدي ڪانهي تہ پوءِ اهو درست آهي تہ پاڪستان جي عوام ۾ قومي سوچ پيدا ڪرڻ، قومي ايڪي کي برقرار رکڻ ۽ ملڪي وقار وڌائڻ ۾ شهيد ذوالفقارعلي ڀٽي جو سڀ کان وڏو ڪردار اهوئي آهي تہ هن انهن ٿنهي مقصدن لاءِ، جيڪي هڪ ئي مقصد جا ٿي نالا آهن، پنهنجي جان بہ قربان ڪري ڇڏي ۽ شهادت جو پيالو پي، هميشه هميشه لاءِ امر ٿي ويو.

هڪ اخبار نويس جي حيثيت ۾، مون کي اٽڪل ڏهن سالن تائين شهيد ڀٽي کي قابلِ احترام فاصلي تان ڏسڻ جو موقعو مليو آهي ۽ پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ترجمان اخبار "مساوات" جي چيف رپورٽر ۽ ڪالم نگار طور شهيد ڀٽي کي ويجهو ڏسڻ ۽ سندن ڪجھ محفلن ۾ شريڪ ٿيڻ جي سعادت بہ نصيب ٿي آهي. پاڻ پيپلز پارٽي جي قائم ٿيڻ واري ڏينهن واريءَ هڪ تقريب جي موقعي تي مون کان هڪ اسٽيج ڊرامو بہ لکرايو هئائون، جيڪو منهنجو پهريون ۽ هن وقت تائين آخري اسٽيج ناٽڪ آهي.

مون سندن هدايتن ۽ ڏسيل نقطن موجب سندن ڪيترا بيان بہ تيار ڪيا ۽ ڪي تقريرون بہ لکيون آهن.

البت اها ٻي ڳالھ آهي تہ آءٌ "مشڪلات" لکندو هوس تہ پاڻ ان کي "مشڪلاتين" بڻائي ڇڏيندا هئا. آءٌ "تڪاليف" لکندو هوس تہ پاڻ ان کي "تڪليفاتين" چئي ڇڏيندا هئا.



www.bhutto.org

منهنجي خيال ۾، شهيد ڀٽي جو سڀ کان وڏو contribution ۽ سڀ کان وڏو ڏوهہ اهو نہ هو تہ پاڻ هن ملڪ ۾ جمهوريت آندائين، قومي سوچ پيدا ڪيائين، سياسي ڪلچر رائج ڪيائين ۽ ملڪي وقار ۾ واڌارو آندائين: سندس اصل ڏوهہ ۽ اصل ڪارڪردگي اها هئي تہ هن اقتدار ۾ عوام جي شرڪت جي تمنا ڪئي ۽ اقتدار ۾ عوام کي شريڪ ڪيو.

ان جي ڪري پاڪستان جو حڪمران طبقو مونجهاري ۾ پئجي ويو.

حڪمران طبقو اقتدار ۾ عوام جي شموليت کي تہ برداشت ڪري سگهيو ٿي، پر اقتدار ۾ عوام جي شرڪت کي نٿي برداشت ڪري سگهيو، جيڪي پاڪستان جا گهر۔ ڌڻي آهن. اُهي عوام کي پنهنجو مسواڙي ٿيڻ جي تہ اجازت ڏئي سگهن ٿا ، پر ڀائيوار بنجڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهن.

مون کي ياد آهي تہ ڀٽي صاحب مون کي سندن هڪ بيان ۾ اهو فقرو شامل ڪرڻ لاءِ چيو هو تہ ”پاڪستان جو عوام ووٽ جي پرچيءَ کي برڇي بڻائي، پنهنجن دشمنن جي سيني ۾ لاهي، صدين واري ظلم ۽ تشدد جو بدلو وٺي.“

١٩٧٠ جي چونڊن ۾ پاڪستان جي عوام ووٽ واريءَ پرچيءَ کي برڇي بڻايو ۽ پنهنجن دشمنن جي سيني ۾ لاهي ڇڏيو ۽ هن ملڪ جي بيوس ۽ لاچار ماڻهن کي پهريون ڀيرو پنهنجيءَ طاقت جو احساس ٿيو. حڪمران طبقي کي ان ڳالهہ جو شديد ڌڪ ٿيو تہ ذوالفقار علي ڀٽي هڪ اهڙي جن کي بوتل مان ٻاهر ڪڍيو آهي، جنهن کي ٻيهر بوتل ۾ بند نٿو ڪري سگهجي.

اهوئي شهيد ڀٽي جو سڀ کان عظيم ڪارنامو هو، جيڪو سڀ



www.bhutto.org

ڪان وڏو ڏوهه قرار ڏنو ويو.

۽ اهو ئي سڀ ڪان وڏو contribution ۽ ڏوهه آهي، جنهن اڄ به شهيد ڀٽي کي زنده رکيو آهي، ۽ اهوئي اُهو ڏوهه آهي ۽ اهوئي contribution آهي، جيڪو ڪيس سياڻي به زنده رکندو.

اهائي سڀ کان عظيم ڪارڪردگي هئي ۽ اهوئي سڀ کان وڏو ڏوهه هو، جنهن وسيلي شهيد ڀٽي عوامي جمهوريت جي تصور، قومي يڪجهتي ۽ اجتماعي قومي سوچ کي اڳتي وڌايو ۽ ملڪي وقار ۾ واڌارو آندو.

شهيد ڀٽي جي اهائي عظيم ڪارڪردگي ۽ اهوئي ڏوهه آهي، جنهن جي ڪري جنرل ضيا ءالحق يارهن سالن جي سازشن، ڦٽڪن، لنبيون وسائڻ ۽ ڦاهيون ڏيڻ جي باوجود عوام جي ذهن ۽ دماغ مان ۽ تاريخ جي صفحن تان شهيد ڀٽي جو نالو ميساري نه سگهيو.

عدالت جو حڪم هو ته

"ذوالفقارعلي ڀٽي کي موت تائين ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي."

ذوالفقارعلي ڀٽي کي ڦاهي چاڙهڻ جنرل ضيا جي اختيار ۾ هو، پر سندن پڄاڻي جنرل ضيا جي هٿ ۾ نه هئي.

ذوالفقارعلي ڀٽي کي يارهن سالن تائين ڦاهيءَ چاڙهيندا رهيا، پر سندس پڄاڻي نه ٿي سگهي. ۽ اڄا تائين سندس خاتمو نه ٿي سگهيو آهي – ۽ نه ٿيندو.

ڀٽو صاحب هڪ پيرو ڪنهن باڊي گارڊ ڪانسواءِ راولپنڊيءَ جي راجا بازار هليو ويو، جنهن تي سندس هڪ وزير ڪيس چيو ته "اوهين ائين نه ڪندا ڪريو، اوهان جي زندگي اسان کي گهڻي پياري آهي."

ڀٽو صاحب مرڪيو ۽ چيائين ته:

"اوهين ڄاڻو ٿا ته ماڻهو ڀين ۾ زنده رهي ٿو. اهڙيءَ طرح، ٿي



www.bhutto.org

سگهي ٿو تہ آئون گهڻو وقت زنده نہ رهان، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ آءٌ کنهن ٻئي جي پيٽ ۾، پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي عوام سان گهڻو گڏ رهيو آهيان."

مون کي يقين آهي تہ شهيد ڀٽي کي اها ڄاڻ هئي تہ ڪيس گهڻو وقت زنده رهڻ نہ ڏنو ويندو. هو ان لاءِ تيار بہ هو ۽ گهڻي جلديءَ ۾ بہ هو ـ ۽ جيڪي تڪڙ ۾ هوندا آهن، تن کي اها ڄاڻ ڪانهي تہ رفتار ڪارن جي نہ پر رفتار اُنهن رستن جي هوندي آهي، جن تي اهي گاڏيون هلن ٿيون.

ڀٽي صاحب هڪ ڀيرو لاهور ۾ هڪ محفل ۾ پنهنجن ويجهن دوستن کي ٻڌايو تہ جنرل منٽگمريءَ کان ڪنهن پڇيو تہ اوهان ڪيترين جنگيون کٽيون آهن؟

جنرل وراڻيو تہ "ٻگو آخري جنگ!"

ڀٽي صاحب جي ان ڳالهہ تي سڀني حيرت وچان ڏانهنس نهاريو تہ هن اها ڳالهہ ڇو ٻڌائي ۽ ان جو مقصد ڪهڙو آهي. ڀٽي صاحب سندن حيرت دور ڪندي چيو تہ خدا جي سڄي مخلوق ۾ رڳو انسان آهي، جنهن کي ڄاڻ آهي تہ کيس مرڻو آهي، پر اها خبر نہ اٿس تہ ڪڏهن مرڻو آهي."

انسان جي اها ڄاڻ ۽ لاعلمي ئي کيس اشرف المخلوقات بڻائي ٿي. انهيءَ علم ۽ لاعلميءَ جي بنياد تي ئي هو ڊگهي مدي واري رٿابندي ڪري ٿو، پنهنجي حياتي کان پوءِ تائين قائم رهندڙ ۽ ايندڙ نسلن کي ڪم ايندڙ پڪيون ڀتيون تعمير ڪري ٿو، ڇتين ۾ مضبوط لوهي سيخون وجهي ٿو ۽ هر لڙائي آخري جنگ سمجهي وڙهي ٿو.

شهيد ڀٽي بہ پنهنجي هر جنگ پنهنجي آخري جنگ سمجهي وڙهي ۽ کٽي.



www.bhutto.org

اينٽريڪدر جو راولپنڊي جيل واري آخري جنگ ٻہ ڪٽي ورتي، ۽ پنهنجيءَ شهادت ڪان پوءِ ٻہ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ "صاحبو، پارٽي اڃا ختم نہ ٿي آهي." اهو سندس انهيءَ آخري جنگ جو ڪرشمو آهي جو اڄ ملڪ ۾ رڳو ٻہ سياسي پارٽيون رهجي ويون آهن: هڪ پرو پيپلز پارٽي ۽ ٻي اينٽي پيپلز پارٽي.

ناصر ڪاظميءَ چيو هو:

**صديـن تائين زمانو وساريندو نـہ ان کي،**
**ڪالهہ حادثو جيڪو هت ٿيو آهي.**

پر اهي حادثا جيڪي صدين تائين وساري نٿا سگهجن، سي شهيدن کي جنم ڏيندا آهن - ۽ شهيدن بابت بلي شاهہ چيو آهي:

بلا شاهہ، اسين مرنا ناهيون،
قبر ۾ پيل ٻيو ڪو آهي!



www.bhutto.org

## نثار عثماني

محترمہ بينظير ڀٽو،

مانوارا خواتين و حضرات!

آءُ لکيل تقرير بدران پنهنجيءَ يادداشت ۽ مشاهدي جي آڌار تي ڪجهہ چونڊ گهران ٿو.

مون کي جناب ڀٽي کي نہ رڳو ويجهو ڏسڻ پر اڪثر ملڻ جو اعزاز حاصل آهي جو ويهن سالن دوران آءُ پنهنجي پيشيوراڻي ڪم ۾ هوس ۽ هو سياست ۾ هو.

پاڪستان جي سالميت ۽ مستقبل لاءِ ان وقت تمام سنگين چئلينج پيدا ٿي ويو، جڏهن ملڪ ڊسمبر ١٩٧١ ۾ ٽُٽي ويو. ملڪ متحد نہ رهيو، ماڻهو اُخلاقي طور تي پستيءَ جو شڪار ٿي ويا هئا، فوج هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا هئا ۽ ستر هزارن کان مٿي فوجي جنگي قيدي بڻجي ويا هئا، معيشت جي حالت ابتر هئي. اهي حالتون هيون، جن ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽي حڪومت جي سربراهہ طور ذميواري سنڀالي. هن انهيءَ چئلينج کي قبول ڪيو. ڪيس اها چاڻ هئي تہ ڪيس اندروني توڙي بيروني سطح تي هڪ ئي وقت مختلف محاذن تي وڙهڻو پوندو. هُو پنهنجي سياسي تدبر ۽ ڏاهپ، پنهنجي سياسي تجربي ۽ پنهنجي اعتماد ۽ جرائت سبب ڪامياب ٿيو. اقتدار سنڀالڻ کان سگهو پوءِ ڪيس ڀارت سان ڳالهيون ڪرڻ واري ڏکئي ڪم کي منهن ڏيڻو پيو. هو شملي ويو ۽ تمام ڊگهيءَ جدوجهد ۽ ڪوشش کان پوءِ ڳالهين کي ڪامياب بنائڻ ۽ شملا ناهہ تي صحيحون ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. منهنجي خيال ۾، اُنهن حالتن ۾ اِن کان بهتر ناهہ ممڪن نہ هو. ان کان پوءِ جنگي قيدين جي واپسيءَ وارو معاملو هو.



www.bhutto.org

هڪ سال پوءِ، ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ اسلام آباد ۾ نئين دهلي ۾ ڳالهين جا ٻيا دورَ ٿيا. مون کي ياد آهي تہ مون اخباري نمائندي جي حيثيت ۾ ان ڪانفرنس جي coverage ڪئي ۽ ڏهن ڪان ٻارهن ڏينهن جي ڊگهين ڳالهين کان پوءِ هو ٻيو ناهہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهن سان جنگي قيدين جي واپسي يقيني ٿي وئي.

جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي بخوبي اها ڄاڻ هئي تہ پاڪستان ۾ آئين جوڙڻ هميشه وڏو مسئلو رهيو آهي ۽ ڪنهن هڪ يا ٻئي سبب ڪري ڪو متفق آئين بحال نہ ٿي سگهيو يا ردڪيو ويو. ان ڳالهہ کي آڏو رکندي، هُن اڻٿڪ محنت ڪئي ۽ مختلف پارٽين جي اڳواڻن سان ڳالهيون ڪيون. جيتوڻيڪ کيس قومي اسيمبلي ۾ آئين منظور ڪرائڻ لاءِ گهربل اڪثريت حاصل هئي، پر هن يڪراءِ آئين بحال ڪرائڻ لاءِ هرهڪ صوبي ۽ هر مڪتب فڪر کي اعتماد ۾ ورتو ۽ آخرڪار اهڙو بنيادي دستاويز تيار ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، جيڪو ١٩٧٣ع جي آئين جي نالي سان سڄاتو وڃي ٿو ۽ جنهن کي پوءِ بدقسمتي سان مارشل لا جي فقرن، مارشل لا ريگوليشنس، آرڊيننسن، PCO, RCO ۽ ٻين اپائن وسيلي تبديل ڪيو ويو ۽ حقيقي معنيٰ ۾ ان جي شڪل اينتري تبديل ٿي ويئي جو بعد ۾ اهو ١٩٨٥ جي آئين جي نالي سان ڄاتو ويو. اهو آئين ئي نہ رهيو، جيڪو ١٩٧٣ ۾ جوڙيو ويو ۽ لاڳو ڪيو ويو هو. هن هڪ ٻئي سنجيده معاملي، صوبائي خودمختياري، جي تدارڪ لاءِ بہ اپاءَ ورتا ۽ جيڪڏهن هو زنده رهي ها تہ صورتحال گهڻي بهتر هجي ها، جيڪا مارشل لا جي لاڳيتن ۽ ڊگهي مدي وارن دورن ۾ انتظامن جي مرڪزيت سبب وفاق جي يونٽن جي اجوڪي حالت جي پيٺ ۾ انهن لاءِ وڏيڪ قبول ڪرڻ جوڳي هجي ها. پاڪستان ۾ صوبائي خودمختياري گهڻو ڪري خواب رهي آهي،



www.bhutto.org

ان ڪري هن ان جي لاءِ ڪوشش ڪئي، ڪيس جاڻ هئي تہ ملڪ کي رڳو ان حالت ۾ متحد رکي سگهجي ٿو، جڏهن ماڻهن جي سطح تي اتحاد هجي. ان ڪري جو سياسي اڳواڻن جي سطح تي اتفاق يا ناهہ هميشه عارضي ٿئي ٿو ۽ جٽادار ڪونهي. سياسي اڳواڻ مختلف معاملن تي پنهنجو موقف تبديل ڪري سگهن ٿا ۽ اهڙي ناهہ تان ڦري سگهن ٿا. البت جيڪڏهن بنيادي سطح تي، عوام جي سطح تي، اتحاد هجي، جيڪڏهن اهڙي ڪا پارٽي هجي جيڪا چئني صوبن ۾ بنياد رکندڙ هجي ۽ عوام ۾ اهو يقين پيدا ٿئي تہ ا هڙي پارٽي موجود آهي، اهڙي حڪومت موجود آهي جيڪا سندن ڳڻُن ۽ امنگن تي ڌيان ڏيندي ۽ انهن کي پورو ڪندي، تہ پوءِ حقيقي معنيٰ ۾ اتحاد پيدا ٿئي ٿو. پارٽي ۽ حڪومت ۽ جناب ڀٽو بہ ان حقيقت کان چڱي طرح آگاهہ هئا تہ اقتصادي جمهوريت کانسواءِ سياسي جمهوريت بي مقصد آهي. اقتصادي جمهوريت کانسواءِ سياسي جمهوريت فريب آهي. جيڪڏهن اوهين ماڻهن کي پنجن سالن ۾ هڪ ڀيرو ووٽ ڏيڻ جو حق ڏيو ۽ سندن خيال نہ رکو ۽ انهن جي ڀلائي لاءِ ڪو پُختو ڪم نہ ڪريو، يا جيڪڏهن کين ماني، اجهو ۽ لٽو فراهم ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪريو تہ پوءِ جمهوريت رڳو ڪُوڙ آهي. ان ڪري هن ڪيترا سڌارا آندا. آءٌ تمام انڪساري سان اهو چوان تہ هُن زرعي سڌارا آندا، هن پورهيتن لاءِ سڌارا آندا، هن ٻيا ڪيترا سڌارا آندا. هن آبادگارن ۽ ڏتڙيل ۽ ڏاڍ جي شڪار ماڻهن کي اهو فخر ڏنو، جيڪو اهي وڃائي چُڪا هئا، هن کين همٿ ڏياري، هن کين يقين ۽ اعتماد ڏنو، جنهن سان اُهي اُٿي ڪڙا ٿيا ۽ ڪارخانن جي مالڪن ۽ جاگيردارن خلاف ڳالهائڻ جي قابل ٿيا. محترمہ بينظير، پنهنجي ملڪ جي سياسي معاملن جو عاجزانہ مطالعو ڪندڙ طور، مون کي اهو چوڻ ڏيو تہ آءٌ



www.bhutto.org

سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن ٻنهي حصن جي ٻن عظيم اڳواڻن، شيخ مجيب الرحمان ۽ جناب ذوالفقار علي ڀٽي، جي قومي معاملن بابت مفاهمت ۾ ڪاميابي ٿي وڃي ها تہ پاڪستان جو مستقبل مختلف ٿي سگهي ها ۽ مختلف هجي ها. بدقسمتيءَ سان ائين نہ ٿي سگهيو. اهڙي طرح، آءٌ اهو بہ سمجهان ٿو تہ ڪوئٽا ۾ حڪومت خلاف مرڪز پاران ڪاروائي ڪان پاسو ڪرڻ ممڪن هو ۽ ان ڪان بچڻ گهرجي ها. آءٌ اوهان کي اهو ٻڌائڻ گهران ٿو تہ پنهنجي سڄي دور ۾ هن پاڻ کي قومي ايڪي لاءِ وقف ڪيو. هو پنجاب ۾ بہ اوترو ئي مقبول هو جو اهو چيو وڃي ٿو تہ پنجاب جي ڪري هو وزير اعظم هائوس ويو ۽ ڪيس پنهنجي قوم جي خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو. انهن ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو، جن سان ڪيس محبت هئي، انهن ماڻهن جي خدمت جو موقعو مليو، جن سان ڪيس چاهہ هو ۽ جن سان هن اڪثر رابطو رکيو.

ان ڪانسواءِ هڪ ٻي ڳالهہ تہ ٻيون پارٽيون بہ موجود هيون ۽ عوامي ليگ بہ موجود هئي، جنهن علائقائي نعرن جي آڌار تي ڪم ڪيو، ڪجهہ پارٽين فرقيوارانہ نعرا استعمال ڪيا ۽ انهن جي بنياد تي ڪم ڪيو. جناب ڀٽو نوس اقتصادي پروگرام تي يقين رکندو هو ۽ مون کي اهو چوڻ ڏيو تہ ١٩٧٠ جي چونڊن کان اڳ، اقتصادي پروگرام رکندڙ منشور ڪڏهن بہ پيش نہ ڪيو ويو هو، اهو پهريون پيرو هو جو جناب ڀٽي ١٩٧٠ ۾ نوس پروگرام ڏنو ۽ ان وقت کان پوءِ ٻين ڪيترين پارٽين بہ اهڙا پروگرام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن پرڏيهي پاليسيءَ واري ميدان ۾ ڪيترا جرائت وارا اپاءَ ورتا. هن "سيٽو" ۽ "سينٽو" کان ڌار ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. هن سڄي اسلامي دنيا سان رابطو ڪيو ۽ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويو ۽ اتي ملڪن جي



www.bhutto.org

سربراهن سان ذاتي تعلق پيدا ڪيو. هن لاهور ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪرائي.

هن ٽين دنيا جي ڳالهه ڪئي، جيڪا اڳ نه ڄاتي ويندي هئي. جيڪو اصطلاح ڪانئس اڳ نه ٻڌو ويو هو. هن غير جانبدار تحريڪ جي ڳالهه ڪئي، هن پرڏيهي پاليسي وارن معاملن جي ڳالهه ڪئي، انهن معاملن جي ڳالهه ڪئي، جن جو ملڪ جي اتحاد ۽ وفاق تي سڌي طرح اثر پوندڙ هو. ان بعد اهي قوتون جيڪي سندس مخالف هيون، جيڪي سندس پروگرام جون مخالف هيون. جيڪي سندس پاليسين جون مخالف هيون، جن کي ڄاڻ هئي ته اهي پاليسيون کيس عوام ۾ وڏيڪ مشهور ڪنديون ۽ اهي قوتون، جيڪي مفاد پرستن سان واسطو رکندڙ هيون سي گڏجي يڪجا ٿي ويون. انهن کيس ميدان مان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کان پوءِ مارشل لا جو دور آيو، جنهن ۾ واعدو ڪيو ويو ته ٩٠ ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون وينديون ۽ انهن کي ملتوي ڪيو ويو. ١٩٧٩ ۾ وري چونڊون ملتوي ڪيون ويون. ڇو؟ ان ڪري، جو آءٌ اوهان کي ٻڌايان ته آءٌ ان دور جو سينئر صحافي هوس: چونڊون ان ڪري ملتوي ڪيون ويون جو ان وقت جي حڪومت کي اها پروڙ هئي ته اهي پارٽي کي شڪست نٿا ڏئي سگهن.

ان کان پوءِ هٿ ٺوڪيو ڪيس هلايو ويو، جنهن جو فيصلو سياسي عدالتي قتل ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه هو. هن هڪ رات ۾ ايڏو ڊگهو فاصلو طئي ڪيو، ايڏو وڏو پنڌ ڪيو، جيڪو ٻيا پنهنجي سڄي حياتي ۾ نه ڪري سگهيا. هن پيش پوڻ کان انڪار ڪيو، هن سوديبازي ۽ ناهه ڪرڻ کان انڪار ڪيو. آءٌ چوڻ گهران ٿو ته هن ڦاهي قبول ڪئي پر اصول نه ڇڏيا ۽ پنهنجي لاءِ، پنهنجي پارٽيءَ ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ عوام جي دلين ۽ تاريخ ۾ درجو پيدا ڪيو ۽ شهيد جو رتبو



www.bhutto.org

حاصل ڪيو. قرآن پاڪ جي اکرن موجب، "شهيد مرندا نہ آهن، اهي زنده آهن." اهي ماڻهو عظيم آهن، جيڪي پنهجي عهدي تان رٽائر ٿيڻ يا جسماني طور تي گذاري وڃڻ کان پوءِ بہ زنده رهن ٿا. جناب ڀٽو اهڙن ماڻهن مان هڪ آهي، جيڪو زنده آهي ۽ زنده رهندو.

❊



www.bhutto.org

# احمد فراز

محترمہ وزير اعظم صاحبہ،

خواتين و حضرات!

اڄوڪو ڏينهن پنهنجي شهيد جي ولادت جو ڏينهن آهي. پر سندن شهادت جو واقعو ايترو ڏکوئيندڙ ۽ ايترو تاثر رکندڙ هو جو مون لاڳيتو سندن شهادت ۽ رخصت ٿيڻ تي نظم لکيا. جيڪي هڪ سيريز جي شڪل ۾ منهنجي ڪتاب ۾ ڇاپيا ويا آهن:

تنهنجي جدائي وارو ڏينهن ايترو ياد رهيو
جو آءُ تنهنجي سالگرهہ بہ وساري وينو آهيان.

هي نظم آهي "جلاد":

تو ڪڏهن اهوسوچيو هو تہ معصوم ڪير آهي ۽ قاتل ڪير؟
تو ڪڏهن اهو ڏٺو تہ ڪو چهرو ڪيئن لڳي ٿو؟

اهڙا بہ هوندا، جن ڪان ڦاهي بہ شرمائيندي هوندي،
اهڙا بہ، جن سان ڦاهيءَ جو تختو سينگاريل سينگاريل لڳندو هوندو.

ڪوڙ جو ڪو پَتڪو آهي يا پرچم آهي سچائيءَ جو،
توکي ڪهڙي ڄاڻ تہ ڪنهن جي مٿي تي رکيل آهي.

اهو منصور جو "انا" وارو اکر آهي يا عيسيٰ جي شمع دعا،
توکي ڪهڙي ڄاڻ تہ هو ڪو مولا آهي يا بندو آهي.



www.bhutto.org

جڏهن انصاف جو قاصد دربارن مان ٿي اچي ٿو،
سپني کي خبر آهي، ان جو اڪثر جيڪو انجام ٿيو.

ميزان ڪهڙن هٿن ۾ هئي، ابرو جي جنبش ڪنهن جي هئي؟
اهلِ عدالت ڪنهن تي گجيا، ڪنهن تي لطف و ڪرم ٿيو؟

محفل محفل، مقتل مقتل، سڀ بسمل، جلاد آهي ڪير؟
ڪو سمجهي به نٿو سمجهي، ڪو اشارو به ڄاڻي ٿو.

نالو ڪنهن جو آهي، چار ڪنهن جو آهي ۽ هتي صياد ڪير آهي؟
اها ڳالهه نٿو ڄاڻي ته گل نٿو ڄاڻي، سڄي باغ کي ته اُن جي ڄاڻ آهي.

هڪ ٻيو ننڍو نظم مون ان وقت چيو، جڏهن پيٺو شهيد رخصت ٿيو ته سندس ڪيترن Lilly puts پنهنجون پنهنجون پارٽيون ناهڻ شروع ڪيون ۽ اڌ نالو ان جو رکي ڇڏيو: نيشنل پيپلز پارٽي ته ڪا پراگريسو پيپلز پارٽي، وغيره وغيره. ان تي مون اهو نظم لکيو هو. عنوان آهي: "حرف جي شهادت."

اچو، جنهن عيسىٰ کي اسان ڦاهيءَ چاڙهيو آهي،
تنهن جي رتوڇاڻ بدن تي پار ڪيون ۽ لڙڪ وهايون.

فرض تي پورا ثابت ٿيا آهيون ،هاڻي قرض چڪايون،
سندس چاڪڙي اهو ڪٽي وجي، جنهن ڄنليب ناهي هئي.



www.bhutto.org

چاذر جو حقدار اهو آهي، جهن کوکو لڳايو هو، کندن جو تاج ان جو آهي، جنهن جي اک لڙڪن سان پريل هئي.

اڇو ته ماڻهن کي ٻڌايون ته هاڻي اسين سڀ عيسيٰ آهيون، مُردن کي جُهي ڏسون ۽ کو اعجاز ڏيکاريون – پر سندس حرف هو سيکجهه: اهو حرف کٿان آڻيون؟

❊



www.bhutto.org

## اقبال آخوند

محترمہ وزير اعظم،

جناب وزير اعليٰ، معزز مهمانو.

مون لاءِ اها واقعي وڏي عزت جي ڳالهہ آهي تہ مون کي شهيد ذوالفقارعلي ڀٽي جي زندگي ۽ ڪارڪردگيءَ جي ياد ۾ ٿيندڙ هن تقريب ۾ ڳالهائڻ جي دعوت ڏني وئي آهي، جنهن سان مون کي ڪيترا سال پرڏيهي وزارت ۾ گڏ ڪم ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي.

حقيقت ۾ اسان جي پهرين واقفيت ١٩٣٠ع واري ڏهاڪي ۾، لاڙڪاڻي ۾ ٿي هئي، جڏهن اسين ٻئي اجا ٻار هئاسين. وري ساڻس منهنجي ملاقات پنجويهہ سال پوءِ ڪراچيءَ ۾ ٿي، جڏهن هو برڪلي ۽ آڪسفورڊ مان واپس موٽڻ تي وڪالت جو ڪاروبار قائم ڪري رهيو هو. هو هڪ ذهين نوجوان هو، جنهن جي شاندار مستقبل جي اڳڪٿي ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهہ نہ هئي. البت ڪنهن بہ اهو نہ سوچيو هو، ايتري قدر جو هن پاڻ بہ ان وقت اهو گمان نہ ڪيو هوندو تہ سندس اڳتي جيڪا منزل آهي، سا کيس پاڪستان ۾ سياسي اقتدار جي اوچائيءَ تائين وٺي ويندي ۽ عالمي شهرت ۽ وڏي ناليءَ تائين رسائيندي. ڪنهن بدترين خوابن ۾ بہ اهو نہ ڏٺو هوندو تہ انهن بلندين تان هو دغا ۽ بيوفائي سبب تمام اونهيءَ کڏ ۾ وڃي ڪرندو، ۽ کيس هر قسم جي توهين، ناانصافي ۽ ظلم ۽ تشدد جو نشانو بڻايو ويندو، ۽ آخرڪار پنهنجي اوج واري دور ۾ ڪانئس سندس حياتي کسي ورتي ويندي.

اهڙي ماڻهو جي زندگي تاريخ ۾ استعاري جي حيثيت رکي ٿي. شهيد ڀٽي جي زندگي، تيزيءَ سان بلندي تي پهچڻ ۽ يڪدم هيٺ اچڻ جي ڪري، شهاب ثاقب جهڙي آهي. پر شهاب ثاقب آسمان کي هڪ



www.bhutto.org

پل لاءِ روشن ڪندو آهي. ۽ پوءِ اهڙي نموني غائب ٿي ويندو آهي جو ان جو ڪوبہ نشان باقي نہ رهندو آهي، جڏهن تہ پٽي جو ڪم ڪار ۽ سندس موجودگي اسين اجا بہ محسوس ڪريون ٿا. پنهنجيءَ وفات کان پوءِ بہ هو ملڪ جي سياست ۾ هڪ وڏي قوّت ۽ اُتساهہ جو ذريعو بڻيل آهي ۽ شديد چاهت ۽ سخت دشمني واري جذبي ڀيٺ مباحثي جو ذريعو آهي.

ڪيترا ماڻهو پٽي کي سيماب صفت سمجهن ٿا. منهنجي خيال ۾ اهو غلط اندازو آهي. هو موجي ماڻهو هئڻ جي بدران گهڻا رُخ رکندڙ شخصيت هو. ڪيس ڪيترين ئي شين ۾ دلچسپي هئي.

مون کي ياد آهي تہ هڪ ڀيرو هو نيويارڪ ۾ جارج بُش سان عمارتسازي ۽ شهري رٿابندي بابت ڳالهائي رهيو هو، ۽ اسين ڄاڻون ٿا تہ سندس انهيءَ دلچسپيءَ بعد ۾ عملي شڪل اختيار ڪئي، جنهن موجب ڪراچي شهر جي سونهن ۽ سهوليتن ۾ ڪيترو سڌارو آيو. هن پنهنجي اسڪول ۽ يونيورسٽي واري تعليم گهڻي ڀاڱي ڏيساور ۾ حاصل ڪئي ۽ ڪيترا سال ٻاهرين ملڪن ۾ رهيو، پر تنهن هوندي بہ کيس ملڪ جي مسئلن توڙي عام ماڻهوءَ جي تڪليفن ۽ مسئلن جي چڱي ۽ واضح ڄاڻ حاصل هئي . هو دولت ۽ آسائش واري ماحول ۾ پيدا ٿيو، ۽ ان ڪري جڏهن هن سوشلزم جي ڳالهہ ڪئي تہ سندس مخالفن کي اها ڳالهہ حقيقت جي ابتڙ نظر آئي ۽ انهن مٿس منافقت جو الزام لڳايو. پر سندس سوشلسٽ نظريو ڪنهن قاعدي يا ڪتابي اصولن جي پيداوار نہ هو. سندس اهي نظريا عام ماڻهن لاءِ همدردي ۽ سندن عام مسئلن جي پوري ڄاڻ رکڻ تي ٻڌل هئا.

هوجڏهن حڪومت ۾شامل ٿيو تہ هن حڪومت جي ڪم ڪار ۽ ملڪ جي انتظامي مشنريءَ جي قوّت ۽ ڪمزورين بابت تفصيلي ڄاڻ



www.bhutto.org

تمام جلد حاصل ڪري ورتي. عوام جي زندگين ۾ ڪاموراشاهي جي تمام وڏي ڪردار کي محسوس ڪندي، هن سول سروسز واريءَ جوڙجڪ ۾ تمام اهم سڌارا آندا. هن هٿياربند فوجن جي عمومي جوڙجڪ ۾ تبديلي آندي ته جيئن وڙهندڙ فوجن ۾ وسيع هم آهنگي ۽ سندن ڪم ڪار ۾ بهتر رابطو پيدا ٿي سگهي. هن فوجي سامان ملڪ اندر تيار ڪرڻ لاءِ اهم اپاءَ ورتا. هن وقت ملڪ ۾ دفاع بابت جيڪا به وڏي صنعت موجود آهي، تنهن جو بنياد يا ابتدائي ڪم پئٽو حڪومت طرفان رکيو ويو ۽ شروع ڪيو ويو. يحيٰ خان جي فوجي حڪومت جي ناڪامي کان پوءِ جڏهن ڪيس اقتدار لاءِ گهرايو ويو ته هن قومي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪيترا سُڌارا آندا ۽ انهن مان گهڻي ڀاڱي وقت جي آزمائش تي پورا ثابت ٿيا آهن. سندس سڀ کان وڏو ڪارنامو اهو هو ته هن هڪ سال جي مُدي اندر قومي اسيمبليءَ ۾ آئين پيش ڪيو، ۽ اتفاق راءِ سان ان لاءِ حمايت حاصل ڪئي. اهو اهڙو ڪم هو، جنهن جي لاءِ اڳ ۾ ٻن آئين ساز اسيمبلين پنجويهن سالن تائين ڪوششون ڪيون، پر ڪامياب نه ٿي سگهيون.

١٩٧٣ع واري آئين کي اهو مثالي اعزاز حاصل آهي ته يارهن سال مُعطل رهڻ کان پوءِ ۽ ضياءالحق جي مارشل لا جي ڪري، هر قسم جي جارحيت ۽ حقارت جو شڪار ٿيڻ ۽ آخرڪار انين ترميم جي ذريعي ان جي شڪل مڪمل طور تي بگاڙڻ جي باوجود ان کي اجا به قوم جي حمايت حاصل آهي. ۽ اڄ جي واحد گهُر اها آهي ته آئين ۾ ڪيل اُنهن ترميمن کي ختم ڪيو وڃي، جن آئين جي شڪل ۽ روح کي بگاڙي ڇڏيو آهي. منظور ٿيڻ کان ويهه سال پوءِ به پئي جو آئين اڄ به قومي اتفاق راءِ جو بنياد آهي ۽ اهو ذريعو بڻيل آهي، جيڪو اسان جي وفاق کي يڪجا رکي ٿو.



www.bhutto.org

ها، شهيد پنهنجو گهڻو رُخ رکندڙ شخص هو ۽ قومي زندگيءَ جي مختلف رُخن ۾ اهم ڪم ڪيائين. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ سندس تمام اهم ڪارڪردگي ۽ عملي ڪم گهڻي ڀاڱي پرڏيهي پاليسيءَ جي ميدان ۾ آهي. سندس ذاتي لاڙو پرڏيهي معاملن ڏانهن هو ۽ سندس خاص ذات ۽ صلاحيت بہ ان شعبي ۾ آهي. ١٩٦٦ع ۾ ايوب خان جي حڪومت کان الڳ ٿيڻ کان پوءِ هو جڏهن الوداع چوڻ لاءِ پرڏيهي کاتي جي آفيس آيو تہ هن اسان سان پرپور جذبن ۽ احساسن سان ان رومانس بابت ڳالهيون ڪيون، جنهن ڪيس پرڏيهي معاملن واري شعبي ڏانهن راغب ڪيو ۽ ان ڳالهہ تي افسوس ڏيکاريائين تہ هو اهڙي وقت ۾ ڌار ٿي رهيو آهي، جڏهن ملڪ کي تمام ڏکيا چئلينج آڏو آهن.

هن صنعت ۽ قدرتي وسيلن واري وزير طور پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز ڪيو، جنهن لاءِ ڪو اهو سوچي بہ نٿو سگهي تہ ان وسيلي پرڏيهي پاليسيءَ جي تياري يا ان تي اثر انداز ٿيڻ جو ڪم ڪري سگهجي ٿو. تنهن هوندي بہ، وزارت ۾ سندس ابتدائي اُپائن ۾ روس سان ملڪ اندر تيل ۽ گئس جي ڳولا ۾ امداد ڏيڻ واري ناهہ بابت ڳالهيون شامل آهن. اهو ڪم اهڙي وقت ڪيو ويو، جڏهن پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي نہ رڳو مغربي دنيا جي حوالي سان سڃاتي ويندي هئي، بلڪ ر روس سان ڪنهن بہ قسم جو رابطو شڪ جي نظر سان ڏٺو ويندو هو ۽ ناپسنديده ۽ هاجيڪار ليکيو ويندو هو. ان ڪري پٺتي کي ڳالهين کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ۽ سوويت يونين سان تيل بابت ناهہ صحيح ڪرڻ لاءِ پنهنجي وزارت جي عملدارن ۽ ايسٽبلشمنٽ سان وڏي جدوجهد ڪرڻي پئي ۽ ان وقت جي سياسي ماحول کي آڏو رکندي باقاعدي مقابلو ڪرڻو پيو. اهو تمام ڪارائتو ناهہ هو ۽ ان سان پاڪستان کي تيل جي ڳولا ۾ پنهنجي ذاتي مهارت



www.bhutto.org

پيدا ڪرڻ جو موقعو مليو. پر حقيقت ۾ اهو ان کان وڌيڪ به ڪجهه هو جو اهو پرڏيهي پاليسي جي شعبي ۾ هڪ معنيٰ خيز قدم هو. تيل جي بُحران ۾ سوويت يونين سان رجوع ڪندي پتي ڪي اها ڄاڻ هئي ته ان سان هو نه رڳو پاڪستان لاءِ اها ٽيڪنالاجي حاصل ڪري وٺندو، جيڪا ٻئي ڪنهن هنڌان سولائي سان نٿي ملي سگهي، بلڪ اهڙي طرح هو اُن ڦيٿي جو رُخ به ٿورو مٽائي رهيو هو، جيڪو اڳٽي هلي اسان جي پرڏيهي پاليسي جو رخ تبديل ڪرڻ جي شروعات ٿي سگهي ٿو.

ڪيس ڄاڻ هئي ته تيز رفتار بين الاقوامي مواصلات ۽ سرگرمي جي هر شعبي ۾ ملڪ کان ٻاهر مواصلاتي رابطن واري اجوڪي دنيا ۾ ڪنهن ملڪ جي سرڪاري پرڏيهي پاليسي ملڪ جي پرڏيهي لاڳاپن جي سلسلي ۾ رڳو هڪ وارياسي ڪناري جي حيثيت رکي ٿي.

پرڏيهي لاڳاپن جي بُٽت اهڙي قسم جي ڪيترن وارياسن ڪنارن تي ٻڌل آهي ۽ ان جو رنگ ۽ جوڙجڪ مختلف ذريعن کان حاصل ٿيندڙ اثر رسوخ، بين الاقوامي واپار، ثقافتي مٽا سٽا، گهڻ ملڪي ڪارپوريشنن جي سرگرمين ۽ ٽريڊ يونينن جي وچ ۾ رابطن، غير سرڪاري تنظيمن جي ڪم ڪار، اخبارن ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي اثر ۽ اهڙين ٻين ڳالهين تي دارومدار رکي ٿي. اهڙيءَ ريت صنعت واريءَ وزارت ۾ ننڍيءَ شروعات سان پاڪستان جي نئين پرڏيهي پاليسيءَ جي جوڙجڪ شروع ٿي.

اها پاليسي دنيا جي انهن ٽن وڏين طاقتن چين - آمريڪا ۽ سوويت يونين - سان اسانجن متوازن لاڳاپن تي ٻڌل آهي، جيڪي پاڪستان لاءِ تمام اهم آهن. ان وقت کان وٺي ملڪ جي پرڏيهي پاليسي انهي منظم نموني تي هلي رهي آهي. اسان پنهنجو گهڻو



www.bhutto.org

جمُڪاءِ ان اميد سان مغربي دنيا ڏانهن رکيو تہ اُن جي مدد ۽ حمايت سان پاڪستان ڀارت سان پنهنجي جنگي عدم توازن جو تدارڪ ڪرڻ جي قابل ٿي ويندو. پر سلامتي لاءِ اها ڳولا رڳو هٿيارن جي ڳولا ۽ حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجي وئي آهي. ملڪ جي آزادي جي حفاظت جي خاطري ڪرڻ لاءِ پاڪستان اهڙن اتحادن ۾ ناهن ۾ شامل ٿيو، جن جي ڪري ان ڏس ۾ ان جي چونڊ ڪرڻ واري صلاحيت محدود ٿي وئي.

پرڏيهي وزير ٿيڻ وقت اها ماڻهن ۾ وقت جي گڏجاڻي هئي.

چين ۽ ڀارت جي وچ ۾ ١٩٦٢ع واري سرحدي ويڙهہ ڏکڻ ايشيا ۾ جنگي اهميت واريءَ صورتحال کي تبديل ڪري رهي هئي. غير جانبدار ڀارت آمريڪا کان فوجي امداد حاصل ڪري رهيو هو ۽ ان جي مغربي اتحادين طرفان اولهہ پاڪستان جي حمايت وارا جذبا چين سان لاڳاپن جي صورتحال متاثي رهيا هئا.

شهيد ڀٽي محسوس ڪيو تہ هاڻي ملڪ جي سلامتي واري پاليسي جو محور چين سان لاڳاپا وڌائڻ تي دارومدار رکي ٿو. البت هن اهو بہ محسوس ڪيو تہ آمريڪا سان پنهنجن پراڻن لاڳاپن جي اهميت کي آڏو رکندي، "اسان کي نوان دوست ناهڻ ۾ موجوده دوستن کي ڇڏڻ واري ڪم ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي." ان وقت لکيل هڪ مُدلل مقالي ۾هن چيو تہ ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن ۾ جذبات يا وطنيت جي ڪا اهميت ڪانهي. آءُ سندس لفظ هڪ ڀيرو وري حوالي طور پيش ڪريان ٿو: "ڪنهن ننڍي ملڪ لاءِ اهو اجايو ٿيندو تہ اُهو وڏين طاقتن کي منٿ يا التجا وسيلي سندن عالمي پاليسيون دباءَ يا انصاف لاءِ رڙين جي بنياد تي تبديل ڪرڻ لاءِ چوي. ان ڏس ۾ ماضي ۾ ڪيل خدمتون ياد ڏيارڻ جي بہ ڪا اهميت ڪانهي. حقيقت پسندي واري ۽ متوازن سوچ اختيار ڪرڻ ۽ سائنسي بنيادن تي پاليسي تيار



www.bhutto.org

ڪرڻ بهتر ٿيندو.“

شهيد ڀٽي ۾ ڊپلوميسي جي فن ۽ تدبر واريون ڀئي خوبيون هيون. کيس خبر هئي ته ڪهڙي وقت ڪنهن معاملي کي اٿارڻو آهي ۽ ڪهڙي وقت پاسن واري لشڪر جي چرپر سان گهربل مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو. هو انهيءَ آرٽ جي طريقن کان واقف هو. وڏي صلاحيت رکندڙ ۽ ذهني طور تي قائل ڪرڻ وارو ڳالهيون ڪندڙ هو. مون کي گڏيل قومن ۾ ٿيل ڪجهه ڳالهين ۾سندس مدد ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي ۽ ان دوران آءُ سندس انتهائي ڪامل مهارت ڏسي سگهيس، جنهن سان هن اهي ڳالهيون ڪيون.

هو هميشه پختو مؤقف رکندڙ هو، پر ڪڏهن به اهو تاثر نه ڏنائين ته هو لچڪ رکندڙ ڪونهي. هو دليل ڏيندو هو، بحث نه ڪندو هو ۽ جتي به هن محسوس ڪيو ته ڪا سهوليت يا رعايت ڏئي سگهجي ٿي يا ڏيڻ گهرجي ته هو فوري طور تي، باوقار نموني ۽ بنا ڪنهن سودي بازيءَ جي، ڏيئي ڇڏيندو هو.

هو وسيع پس منظر تي به نظر رکندو هو. علائقي، اسلامي دنيا ۽ اقتدار ۽ قوت جي بين الاقوامي سياست جي ڏکيءَ دنيا ۾ پاڪستان جي حيثيت کي آڏو رکندو هو. هن اِهي نظريا وهم يا اجائي خواهش جي بنياد تي نه قائم ڪيا. پاڪستان اهڙو ملڪ ڪونهي جيڪو عالمي اسٽيج تي هڪ آزاد قوت طور ڪم ڪري سگهي. اسان وٽ اهي ذريعا، وسيلا يا اهڙي ڪا ٻي صورتحال ڪانهي، جنهن سان اسين عالمي منظر کي تبديل ڪري سگهون. ٻين ملڪن ۽ وڏين طاقتن جي پاليسين تي اثر انداز ٿيڻ لاءِ اسان جي صلاحيت محدود آهي. حقيقت ۾ اهڙي حيثيت ۽ صلاحيت دنيا جي رڳو ڪن ٿورڙن ملڪن کي حاصل آهي. ايتريقدر جو برطانيا، فرانس ۽ جاپان جهڙن وڏن ۽



www.bhutto.org

امير ملڪن کي بہ ڪنهن وقت هوا جي رُخ مطابق هلڻو پوي ٿو. خاص ڳالهہ اها آهي تہ منزل اکين جي سامهون رهي ۽ قومي مقصد بابت واضح سوچ هئڻ گهرجي، افغانستان جي اڄوڪي صورتحال، طريقہ ڪار، سياسي حڪمتعملي کان ڏار هجڻ ۽ پاليسي، امنگن ۽ خوابن تي ٻڌل هجڻ جو ڏکوئيندڙ مثال آهي.

تاريخ ۾ ’اگر‘. ’مگر‘ ۽ ’تي سگهي ٿو‘ وارا محاورا تمام خوش ڪُن آهن؛ پر آءٌ ان کان پاسو ڪندس. آءٌ نيويارڪ ۾ فرانس جي پرڏيهي معاملن واري وزارت جي عملدارن جي هڪ گروپ سان پنهنجيءَ ڳالهہ ٻولهہ جو حوالو ڏيڻ گهران ٿو. روس تازو افغانستان تي قبضو ڪيو هو. اِنهن مُدبر ۽ پوري ڄاڻ رکندڙ سفارتڪارن جي راءِ هئي تہ جيڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽو اختيار رکندڙ هجي ها تہ پوءِ روس شايد افغانستان ۾ اها مهم جوئي ڪرڻ جي همٿ نہ ڪري ها. مون کانئن پڇيو تہ هو ائين ڇو ٿا سمجهن، انهن وراڻيو تہ ان ڪري جو ڀٽي کي عوام جي حمايت حاصل هئي ۽ روسي غير مقبول فوجي حڪومت جي ڀيٽ ۾ پاڪستان ۾ مقبول عوامي رد عمل کان وڌيڪ محتاط رهن ها. اهي ان مسئلي کي ڪنهن ٻئي نموني نبيرڻ لاءِ پاڪستان سان مفاهمت جي ڪا ڪوشش ضرور ڪن ها. ان نقطءِ نظر سان هر ڪنهن جو اتفاق ڪرڻ ضروري ڪونهي. پر مون کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڳالهہ جو پورو يقين آهي تہ ڀٽو، جنهن پاڪستان ۽ افغانستان جي اختلافن جي سلسلي ۾ سردار دائود سان لڳ ڀڳ قطعي ناهہ ڪري ورتو هو، سو ان سڄي صورتحال کي ڪنهن مختلف انداز سان منهن ڏئي ها.

ڀٽي هڪ ڀيرو چيو هو تہ جيڪڏهن پاڪستان کي سمورن ملڪن مان ڪنهن هڪ اهم ملڪ جي چونڊ ڪرڻي پوي تہ هو افغانستان کي سڀ کان وڏي اوليت ڏيندو. يقيناً هو افغان مقصد لاءِ بي دريغ حمايت



www.bhutto.org

ڪري ها، پر ائين ڪندي هو قوم کي اعتماد ۾ وٺي، گڏ وٺي هلي ها. هو بحران کي ذاتي مشهوري لاءِ استعمال ڪرڻ جي بدران قومي مفاد کي يقيناً آڏو رکي ها. اهو چوڻ ڏکيو آهي ته هو افغانستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت واري پاليسي اختيار ڪري ها- اهڙي پاليسي، جنهن هيٺ افغان پاٺرن سان سرحدي مسئلو اٽنبريل رهجي ويو آهي ۽ آزادي واري جدوجهد نه ختم ٿيندڙ گهرو جنگ جي شڪل اختيار ڪري وئي آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ سڀ کان وڏو چئلينج ان وقت پيدا ٿيو، جڏهن اوڀر پاڪستان بابت فوجي حڪومت جي پاليسيءَ جي ناڪاميءَ کان پوءِ ڪيس يحيٰ خان کان اقتدار وٺڻ لاءِ اسلام آباد سڏايو ويو. هو ان وقت سلامتي ڪائونسل ۾ پاڪستان جو ڪيس وڙهڻ لاءِ نيويارڪ ۾ موجود هو. واپس اچڻ کان اڳ هن آزمائش جي گهڙيءَ ۾ پاڪستان جو ساٿ ڏيندڙ ملڪن ۽ انهن جي نمائندن جو شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ منجهند جي ماني واري دعوت ڪئي. اوڀر پاڪستان ۾ يحيٰ حڪومت جي ڪارروايئن سبب پاڪستان جي عالمي سطح تي اڪيلو رهجي وڃڻ جي باوجود چڱي وڏي تعداد ان دعوت ۾ شرڪت ڪئي. جيئن تصور ڪري سگهجي ٿو، منجهند جي ماني واري اها دعوت اُداسيءَ واري تقريب هئي ۽ وفد ۾ شامل اوڀر پاڪستان وارا ڪي ميمبر شهيد ڀٽو جي تقرير جي آخري حصي ۾ روئي پيا. ان موقعي تي سندس ٻه ٻار، محترمه بي نظير ۽ مير مرتضيٰ، به موجود هئا، جيڪي هارورڊ کان آيا هئا ۽ سلامتي ڪائونسل جي ڪارروائي ڏٺائون. هن چيو ته مون کين خاص طور تي اچڻ لاءِ چيو هو، ڇاڪاڻ جو منهنجي خواهش هئي ته هو قومي زندگيءَ ۾ آزمائش جي هن گهڙيءَ کي پاڻ ڏسن ۽ ياد رکن ۽ ان مان حاصل ٿيل سبق پرائين. ان ۾ سڀ کان اهم ڳالهه اها هئي ته



www.bhutto.org

تمام خراب حالتن ۾ بہ قوم کي پنهنجو ڪنڌ اوچو رکڻ گهرجي ۽ تمام اونداهين گهڙين ۾ بہ مستقبل ۾ اميد کي ترک نہ ڪرڻ گهرجي.

صدر ڀٽي سنڌس آڏو سڀ کان پهريون مقصد اهو سيڪجهہ حاصل ڪرڻ هو، جيڪو وڃائي ويٺا هئاسين، يعني نقصانن جو تدارک ڪرڻ، قومي ايڪو بحال ڪرڻ ۽ دنيا ۾ پاڪستان جي اڪيلائپ کي ختم ڪرڻ.

هو ڀارت ويو تہ وٽس ڏيڻ لاءِ ڪجهہ نہ هو، سواءِ ان ڳالهہ جي تہ ڪيس خبر هئي تہ پاڪستان جو عوام ساڻس گڏ آهي ۽ ٻيو پنهنجي مشن تي سنڌس پختو اعتقاد هو. جنرل نيازي ڍاڪا ۾ پيش پيو هو. نوي هزار فوجي ۽ سنڌن آفيسر جنگي قيدي هئا. اولهہ پاڪستان جو ڪجهہ علائقو ڀارت جي قبضي ۾ هو. دنيا ۾ پاڪستان جو نالو اوڀر پاڪستان جي واقعن ۽ جنگ هارائڻ سبب ساک وڃائي ويٺو هو. سمورا پتا پاڪستان خلاف لڳل هئا. هرڪنهن جو خيال هو تہ هاڻي پاڪستان ڀارت جي رحم ڪرم تي آهي ۽ ڀارت ان جي وڏي قيمت حاصل ڪندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان کي ان ڳالهہ تي مجبور ڪندو تہ ڪشمير تي ڀارت جي قبضي کي تسليم ڪري.

ڀٽي شملي ۾ جيڪو ناهہ ڪيو، تنهن ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ ٿي. ان جي ابتڙ ان ناهہ هيٺ ورجايو ويو آهي تہ پاڪستان ڪشمير واري مسئلي ۾ ڌُر آهي؛ ۽، ان کان وڌيڪ، ان ۾ ڀارت کي پاڪستان سان ان مسئلي جي ڳالهين وسيلي پر امن نبيري جو پابند بڻايو ويو آهي. هو شملي مان اهو سيڪجهہ حاصل ڪري موٽيو، جيڪو هُن چاهيو ٿي ۽ هن اهو سيڪجهہ باوقار نموني ۽ اهم قومي مفادن تي ڪابہ سودي بازي ڪرڻ کانسواءِ حاصل ڪيو.

شهيد ڀٽو ڪشمير واري مسئلي جو تمام پرجوش پرچار ڪندڙ ۽



www.bhutto.org

مجيل چيمپئن هو. كيس ان معاملي تي ڀارت سان ڳالهيون كرڻ وارين ڏكيائن ۾ مونجهاري جي پوري ڄاڻ هئي. پرڏيهي وزير وارو عهدو سنڀالڻ كان اڳ هن ڀارت سان ١٩٦٣ع ۾ كشمير جي مسئلي تي آمريكا ۽ برطانيا جي انتظام هيٺ ٿيندڙ ڳالهين ۾ ڀهرو ورتو.

انهن جو كو نتيجو نه نكتو، پر ان سان كيس ڀارت جي ڳالهين كرڻ واري طريقي بابت ڄاڻ حاصل ٿي. گڏيل قومن ۾ ٻين هنڌن تي ڀارتي ترجمان سان لاڳيتو ٿيندڙ ڏي-وٺ جي كري هو خاص طور تي ڀارت ۾ ڀارت-مخالف طور مشهور ٿي ويو. پر اها ڳالهه به درست كانهي.

هو كشميري عوام جي حقن تي سودي بازي كرڻ لاءِ تيار نه هو، پر ڀارت سان پاكستان جي اختلافن كي انصاف ڀريي ۽ باوقار نموني نبيرڻ جي اهميت كان چڱي طرح واقف هو. كيس يقين هو ته جيستائين ٻئي ملك هكٻئي سان گڏجي پُرامن نموني رهڻ نٿا سكن، تيستائين سندن مستقبل غير يقيني رهندو. هو ان نظرئي كي مڃڻ لاءِ تيار نه هو ته تاريخ فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي ته پاكستان ۽ ڀارت جو عوام هكٻئي جا دشمن رهندا.

ڀٽي اهڙي پرڏيهي پاليسي جوڙي، جنهن ۾ پاكستان جي مشكلاتن كي آڏو ركيو ويو هو ۽ هُن پاكستان كي اكيلائپ ۽ بدناموسي واري ان ماحول مان كڍيو، جيكو بنگلاديش جي واقعي سبب پيدا ٿي ويو هو. ڍاكا تي قبضي كان ٻن سالن اندر مجيب الرحمان دنيا جي اسلامي ملكن جي سربراهن جي موجودگيءَ ۾ لاهور ۾ ڀٽي سان ڀاكر پائي ملي رهيو هو. ڀٽي جو مقصد زخمن جو علاج كرڻ ۽ بنگلاديش جي اسان كان ڌار ٿيل ڀائرن سان مفاهمت پيدا كرڻ هو.



www.bhutto.org

هن مون کي جڏهن گڏيل قومن ۾ مستقل نمائندو ڪري موڪليو ته مونکي چيائين ته انهن مقصدن کي آڏو رکان ته اسان جو مقصد انتقام وٺڻ نه پر هڪ سنجيده ملڪ طور پاڪستان جو تصور بحال ڪرڻ، ماضيءَ تي هاءِ گهوڙا ڪرڻ بدران نئين پاڪستان لاءِ شاندار درجو حاصل ڪرڻ آهي. انهن صلاحن کي آڏو رکندي، اسين گڏيل قومن ۾ اهڙو ناهه ڪرڻ جي قابل ٿياسين، جنهن سان پاڪستان جي سمورن جنگي قيدين کي وطن واپس آڻڻ ۾ مدد ملي ۽ ان کان پوءِ پاڪستان جي تعاون سان بنگلاديش کي گڏيل قومن ۾ ميمبر طور شامل ڪيو ويو.

ٻن سالن اندر پاڪستان دنيا ۾ پنهنجو اعليٰ درجو حاصل ڪري ورتو. ”نيويارڪ ٽائيمز“ پنهنجي هڪ ايڊيٽوريل ۾ ان کي تشبيهه ڏيندي لکيو آهي ته ”هڪ عجيب ملڪ، جيڪو پنهنجيءَ رک مان نئين سر اڀريو آهي.“ پر اجا وڏي آزمائش اچڻي هئي. هن ڀيري اهو ائٽمي معاملو هو ١٩٧٤ع ۾ ڀارت طرفان ائٽمي ڌماڪو ڪرڻ کان پوءِ لازمي طور تي اهو پاڪستان جو پروگرام ٿي هو، جيڪو شڪ ۽ تشويش جو باعث بڻيو ۽ پڻو، جيڪو اُن جي پنيان اصل قوت هو، تنهن کي دٻاءَ ۽ ڌمڪين جو نشانو بڻايو ويو. ٿي سال پوءِ ٿيندڙ ڏکي صورتحال، جنهن ۾ ضياءالحق فوجي قوت سان اقتدار تي قبضو ڪيو، تنهن لاءِ اندروني ۽ پرڏيهي ڪيترائي سبب هئا. اهو خيال ڪرڻ نامناسب نه ٿيندو ته پاڪستان جي ائٽمي پروگرام تي تڪرار ٻه انهن سببن مان هڪ هو.

ان کان پوءِ ڏهن سالن وارو آمريت جو دور رهيو. پاڪستان جي تاريخ جا اهي تمام ويران سال آهن، جن جا پاڇا اجا ٻه قومي زندگي جي مختلف رخن تي پئجي رهيا آهن، جڏهن ته ملڪ ان مدي کي



www.bhutto.org

نظرانداز ڪندي مستقبل ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

ڀٽو ڪو مافوق الفطرت هستي نہ هو. هُو انسان هو ۽ سمورن انسانن وانگر ڪانئس بہ غلطي ٿي سگهي ٿي. هو بہ غلطيون ڪري سگهيو ٿي، ۽ ضروري ڪونهي تہ هن جيڪو بہ قدم کنيو سو صحيح رُخ ۾ ۽ درست قدم هو. هن جيڪي ڪجهہ ڪيو، سٺو يا خراب، تاريخ ان جو فيصلو ڪندي. پنهنجي زندگيءَ ۾ هن تمام وڏي قيمت ادا ڪئي ۽ هو جڏهن دنيا کان رُخصت ٿيو تہ سندس ڳاٽ اُوچو هو. ايتريقدر جو هن پنهنجي قيد واري ڪمري ۾ بہ هِن ملڪ جي مستقبل بابت سوچڻ بند نہ ڪيو، جنهن سان کيس محبت هئي ۽ جنهن تي کيس فخر هو.

بين الاقوامي سياست هاڻي هڪ بلڪل مختلف مرحلي ۾ داخل ٿي وئي آهي، ايتريقدر جو ڀٽو پنهنجي سياسي تدبر جي باوجود ڪا اڳڪٿي نہ ڪري سگهي ها. سرد جنگ ختم ٿي وئي آهي. سويٽ يونين جو خاتمو ٿي ويو آهي. اسرائيلي ۽ فلسطيني، آئرش ڪيٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽس، ڏکڻ آفريڪا جا ڪارا ۽ گورا باشندا پنهنجن اختلافن جي نبيري ڏانهن وڌي رهيا آهن. ان عالمي لاڙي ۾ رکو پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ لاڳاپا ڪا مختلف ڳالهہ نظر اچن ٿا. اهو ڪو غلط زماني وارو معاملو آهي، جيڪو نہ رڳو ٻنهي ملڪن پر دنيا لاءِ چئلينج آهي.

اڄ جڏهن اسين سندس ڏيءَ، وزير اعظم محترمہ بينظير ڀٽو جي صدارت هيٺ شهيد ڀٽي جي سالگرهہ ملهائي رهيا آهيون، اسين سندس زندگي ۽ ڪارنامن مان اُتساهہ حاصل ڪري سگهون ٿا ۽ اڄوڪي دور جي موقعن ۽ چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ سبق پرائي سگهون ٿا. ١٩٦٦ع ۾ پرڏيهي وزارت جي الوداعي تقريب ۾ ملڪ



www.bhutto.org

جي پرڏيهي پاليسي جي جوڙجڪ ۾ آندل سندس معيار وارين تبديلين کي اجاگر ڪندي، ڪيس خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ آءٌ سندس ساڳيا لفظ ورجايان ٿو:

"جذباتيت کان آجو، واضح موقف ۽ مشاهدو، خواهشن کان آجو نقطهء نظر ۽ دنيا ۾ پاڪستان جو صحيح درجو."

❊



www.bhutto.org

# مير خدا بخش مري

پاڪستان جي وزير اعظم، محترمہ بينظير ڀٽو،
سنڌ جو وڏو وزير سيد عبدالله شاهہ، خواتين ۽ حضرات!

آءٌ پنهنجي تقرير شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ اهڙي اڳواڻ جو ذڪر ڪندس، جيڪو عوام جو اڳواڻ هو، جنهن جا خيال ۽ اصول پنهنجا هئا. هو هڪ انتهائي بهادر شخص هو، هن پنهنجن متن لاءِ پختو عزم رکيو ٿي. هو هڪ قرارداد، هڪ ادارو، هڪ مفڪر ۽ عالمي شخصيت هو. هن جي نظر وڏيءَ اسلامي دنيا کان وسيع ٿي، ٽينءَ دنيا وارن ملڪن طرف هئي، جيڪي وڏي پئماني تي بين الاقوامي سياست ۾ اولهہ جي اڳوڻن حاڪمن جي خلاف ويڙهہ ۾ رُڌل آهن.

اهو شخص هو پاڪستان جو وزير اعظم، مرحوم جناب ذوالفقار علي ڀٽو، جنهن جي جنم واري سالگرهہ اڄ لاڙڪاڻي ۾ ملهائي پيئي وڃي. هن گڏجاڻي ۾ سنڌ جي وڏي وزير ۽ پيپلز پارٽي مون کي دعوت ڏيئي عزت بخشي آهي ۽ ان لاءِ آءٌ ٿورائتو آهيان.

اها لاڙڪاڻي ۾ ١٩٦٣ع واري ڳالهہ آهي، جڏهن مون ڪوئيٽا مان اچي پهريون ڀيرو ڀٽو صاحب سان ملاقات ڪئي. اسان جمهوريت جي پوري طرح سان بحالي، قانون جي حڪمراني جي غير موجودگي، سياستدانن ۽ ڪامورن ۾ وڏي پئماني تي رشوت ستاني، ورهاڱي کان پوءِ، نون حاڪمن طرفان عام ماڻهن کان ڦريل عزت نفس کين واپس ڪرڻ تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.

مون کيس برٽش راڄ طرفان ڊيپ فريزر (deep freezer) ۾ محفوظ ڪيل بلوچستان جي قبائلي نظام مان ماڻهن کي نجات ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو، ڇاڪاڻ تہ حڪومت طرفان نامزد ڪيل سردارن جو



www.bhutto.org

عوام تي ظلم جاري آهي. هن مون کي چڱي طرح ٻڌو ۽ مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيائين.

ان کان پوءِ، مون کي ساٽس ڪراچي ۾ ٻين هنڌن تي ملاقات جو موقعو مليو. هن تاشقند معاهدي ۾ ٻين قومي ۽ بين الاقوامي پاليسين تي اختلاف ڪري ايوب خان کان الڳ ٿيڻ بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. خاص طور جڏهن هن "اسلام اسان جو مذهب، جمهوريت اسان جي سياست، سوشلزم اسان جي معيشت، طاقت جو سرچشمو عوام آهن" ۽ "روٽي، ڪپڙو ۽ مڪان" وارن عام فهم نعرن جي بنياد تي، ڊسمبر ١٩٦٧ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شروع ڪئي ته هو دانشورن، شاگردن، پروفيسرن سان گڏوگڏ عام ماڻهن جي ڌيان جو مرڪز بنجي ويو. منهنجن سيني نوجوان دوستن سندس پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي. ان وقت آءٌ بلوچستان ڪائونسل مسلم ليگ جو سيڪريٽري جنرل هوس. جڏهن ڀٽو صاحب ڪوئيٽا آيو، مون کي ياد آهي ته مون پيپلز پارٽي طرفان ميونسپل گارڊن ۾ انتظام ڪيل جلسي دوران ڪيل سندس تقرير ٻڌي. هن مون کي سندس پارٽي ۾ شموليت ڪرڻ لاءِ چيو. مون کيس ٻڌايو ته سائين، پارٽي تبديل ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. بهرحال، منهنجا دوست اڳي ئي اوهان جي پارٽي ۾ شموليت ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪا آهن.

پوءِ، ڊسمبر ١٩٧٠ع جي آخر ڌاري، جڏهن اولهه پاڪستان ۾ پيپلز پارٽي چونڊون کٽيون، تڏهن آءٌ سنڌ ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو ڪراچي ۾ جج هوس. مون ٧٠-ڪلفٽن ۾ ساٽس ملاقات ڪئي. هو اڪثريتي پارٽي جي اڳواڻ طور سياست ۽ اوڀر پاڪستان ۾ سياسي گهوٽالي ۾ ڏاڍو مصروف هو. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته اهو ٻنپهرن جو وقت هو. جڏهن اسين سندس ڪشادي ڪمري ۾ داخل



www.bhutto.org

ٿيا سين تہ هن پاڻمرادو دروازا بند ڪندي ٻڌايو تہ گهر چونڊيل پارلياماني اڳواڻن سان ڀريل آهي. مون چونڊن ۾ ڪاميابي تي ڪيس مبارڪباد ڏني. پهرين ڳالهہ جيڪا هن مون کان پڇي اها هيءَ هئي تہ مون ١٩٦٨ع ۾ سندس پارٽي ۾ شموليت ڇو نہ ڪئي. سندس ذهانت ۽ ماڻهن ۽ معاملن جي باري ۾ يادداشت بي پناهہ هئي، تنهنڪري اسان بلوچستان سان گڏوگڏ پاڪستان جي صورتحال تي ويچار ڪيو. هن واعدو ڪيو تہ جڏهن هو اقتدار ۾ آيو تہ وفاقي حڪومتن طرفان سماجي ۽ سياسي ڊيپ فريزر ۾ خبرداري سان رکيل بلوچستان جي ماڻهن کي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو. جڏهن هن ١٩٧١ع ۽ ١٩٧٧ع جي وچ ۾ پهرين صدر ۽ پوءِ وزير اعظم طور اقتدار سنڀاليو تہ هن پنهنجي واعدي جي پاسداري ڪئي.

بلوچستان جي ڏکي تاريخ ۾، اهو ڀٽو صاحب جو ڪارنامو هو جنهن پهريون ڀيرو بلوچ گورنر ۽ وڏو وزير مقرر ڪيو. اهي هئا مير غوث بخش بزنجو ۽ سردار عطاءُ الله مينگل. اهڙي طرح هن ان ڪٿا کي پاش پاش ڪري ڇڏيو تہ بلوچستان جا ماڻهو پنهنجن معاملن کي هلائڻ ۾ نااهل آهن. بلوچستان يونيورسٽي جو درجو وڌائي، بلوچستان جي ماڻهن کي سياسي ۽ اقتصادي طور ٻين صوبن جي برابر آڻڻ ڀٽي صاحب جي ذاتي ڪاوش ۽ پختي ڪوشش ڪري ممڪن ٿيو. اهو ڀٽي صاحب جو ٻيو ڪارنامو هو جو هن ١٩٧٦ع ۾ بلوچستان ۾ هڪ خودمختار هاءِ ڪورٽ قائم ڪئي. مون کي بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي پهرئين چيف جسٽس طور خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو. مون کي خبر آهي تہ هاءِ ڪورٽ قائم ڪرڻ وقت قبائلي سردار، مفاد پرست عناصر، بلوچستان ۾ ٻاهران آيل ماڻهو، سندس پارٽي جا ڪجهہ ماڻهو، صوبي جي وسيع علائقي تي پکڙيل آبادي



www.bhutto.org

ڪري مخالفت ڪرڻ ۾ شامل هئا. پر پٽو صاحب ادارن قائم ڪرڻ ۾ مشنري جذبو رکندڙ هڪ معمار هو، هن سيني اعتراضن کي مسترد ڪري بلوچستان کي سندس تاريخ، هڪ هاءِ ڪورٽ ڏني. اج پهريون ڀيرو، بلوچستان جا ماڻهو قانون جي حڪمراني جي موجودگي کي محسوس ڪن ٿا ۽ ماضي جي صدين پراڻن ڪارن قانونن جي برخلاف فائدو حاصل ڪري رهيا آهن.

بلوچستان قومي گرڊ سسٽم مان بجلي حاصل ڪرڻ کان محروم هو. اهو پنهنجيءَ سئي گئس جي پيداوار کان به محروم هو، جيڪا ملڪ جي ستر فيصد کان وڌيڪ ضرورت پوري ڪري ٿي. اهو وري به ڀٽو صاحب هو، جنهن بلوچستان جي ماڻهن کي بجلي ۽ گئس مهيا ڪري ڏنيون. هن بلوچستان ۾ رستن ۽ مواصلات تي خاص ڌيان ڏنو. گڏوگڏ، پهريون دفعو هن صوبائي اسيمبلي ميمبرن کي جمهوريت جي اصولن ۽ خود مختاري جو سبق پڙهائڻ جو ڪم شروع ڪيو. هن جي انهن ۽ ڪجهه ٻين رفاهي ڪمن بلوچستان جي ماڻهن ۾ روشني ۽ سجاڳي پيدا ڪئي، جنهن مفاد پرست ۽ قبائلي مَلڪن ۽ سردارن کي پريشان ڪيو. تنهنڪري قوميت جي نالي ۾ هنن سندس حڪومت جي ڪجهه ماڻهن جي مدد سان مخالفت شروع ڪئي. نتيجي طور، ٻهراڙي وارن علائقن ۾ امن امان جي حالت خراب ٿي پيئي ۽ فوج کي گهرائي امن بحال ڪرڻو پيو.

بلوچستان حڪومت طرفان مناسب رهنمائي نه هئڻ ڪري، آرمي ائڪشن وڏي پئماني تي پکڙجي ويو ۽ ڪيترائي معصوم ماڻهو زخمي ٿي پيا، جنهنڪري غير اطميناني ۽ جوابي ڪارروايون ٿيون. بعد ۾ گهڻو ڪري منهنجي مري قبيلي جا هزارين ماڻهو افغانستان ڏانهن هجرت ڪري ويا. بهرحال پندرهن سالن جي افغانستان ۾ مسافت کان



www.bhutto.org

پوءِ، پهرئين کان ٿوري وڏيڪ عقلمندي کان ڪم وٺندي، هاڻي اهي سيبيئي پاڻمرادو پاڪستان واپس وري آيا آهن. انهن ماڻهن کي بحالي ۽ آبادڪاري جي ضرورت آهي، پر اڳوڻي استعماريت ۽ ڪاموراشاهي جي ذريعي نه. جيئن ته اهو انساني مسئلو آهي، مون کي اُميد آهي ته موجوده حڪومت ان طرف مناسب ڌيان ڏيندي.

هنهنجي پٽي صاحب سان آخري ملاقات گورنر هائوس ۾ بنپهرن جي ماني تي، ڪوئيٽا ۾، اپريل ١٩٧٧ع ۾ ٿي. هن ملڪ جي صورتحال بابت بلوچستان جي اڳوڻي گورنر خان آف قلات سميت هرڪنهن شخص کان پڇيو. مون کي ياد آهي ته هن غلط مشوري ڏيڻ تي پنهنجي هڪ يا ٻن وزيرن کان باز پرس ڪئي. ١٩٧٧ع ۾ جنرل ضياء مارشل لا نافذ ڪرڻ کان پوءِ جلدئي چونڊيل حڪومت کي ٽوڙي ڇڏيو. هن ١٩٧٣ع واري آئين کي معطل ڪري ڇڏيو، ۽ بعد ۾ انکي ڪيترين ئي ترميمن سميت مارشل لا جي قانونن يا آرڊيننس جي ذريعي ترميم ڪندو رهيو. ١٩٧٣ع واري آئين جي هن ايتري شڪل بگاڙي ۽ چيري چيري تباهي ڪئي جو ان کي سڄاڻڻ ئي مشڪل ٿي پيو آهي. جتي جتي ممڪن هو، مون هاءِ ڪورٽ ۾ پنهنجن فيصلن ذريعي قانون جي حڪمراني جي پائمالي، سخت قانونن ۽ جنرل ضياء طرفان آئين جي ترميمن ذريعي بيحرمتي جي مخالفت ڪئي. بدقسمتي سان، ٻين ڪورٽن جنرل ضياء جي غير قانوني ترميمن کي چئلينج نه ڪيو. نتيجتاً، مارشل لا ١٩٨٦ع تائين هڪ نه ٻيءَ صورت ۾ جاري رهيو- ايستائين جو هڪ هوائي حادثي ۾ جنرل ضياء مري ويو.

منهنجو پختو ايمان آهي ته اعليٰ عدالتون مارشل لا جي پهرئين مرحلي تي سخت موقف اختيار ڪن ها ته ملڪ کي اقتصادي، سياسي ۽ سماجي خرابين کان بچائي سگهجي ها. جيڪي اڄڪلهه ملڪ ۾



www.bhutto.org

آهن. مٿين ڳالهين کان علاوه، ١٩٧٣ع وارو آئين محفوظ رهي ها ۽ ملڪ پاڪستان جي هڪ عظيم سپوت جناب ذوالفقار علي ڀٽي کان محروم نه ٿئي ها. هن تاريخ بنائي. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته هن هڪ مثال ڇڏيو آهي. پر قوم گهٽي عرصي تائين محسوس ڪري ٿي ته حڪومت مجموعي طور تي ڪجهه به نه ڪيو آهي. مون پنهنجي ڪتاب ۾ انهن قومي ناڪامين جو ذڪر ڪيو آهي. مون مرحوم جناب ڀٽي جي خوبين تي هڪ مڪمل باب پڻ مخصوص ڪيو آهي.

خواتين ۽ حضرات، مون کي انهن ڳالهين جي بيان ڪرڻ ۾ وقت وٺڻ تي معاف ڪندا، ڇاڪاڻ ته جناب ڀٽي جي زندگي ۽ وقت جي باري ۾ پرڏيهي ۽ ملڪي ڪيتروئي مواد اڳي ئي موجود آهي.

ڀيو سبب اهوآهي ته لاڙڪاڻي ۾ آءُ ساڻس ڪيترائي ڀيرا مليس. انهن ملاقاتن جي ذڪر ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

هن موقعي تي مون کان علاوه ڪيترائي دوست مرحوم وزير اعظم جي ڪارنامن ۽ ڪمن تي وڏي پئماني تي روشني وجهندا.

❋



www.bhutto.org

# مولانا ڪوثر نيازي.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

صدر مجلس، دانشوران گرامي،

عزيز رفيقو، خواتين ۽ حضرات!

لاڙڪاڻي سان منهنجو واسطو تمام پراڻو آهي. منهنجو چاتل سڃاتل آهي. ١٩٧٠ع ۾ جڏهن شهيد هنان چونڊ وڙهي رهيو هو ۽ علائقي جو هڪ مشهور پير سندن مقابلي ۾ بيٺل هو ته پاڻ مون کي حڪم ڏنائين ته هتي اچي ست ڏينهن سندن چونڊن واري مهم هلايان. ان دوران آءٌ علائقي جي هڪ هڪ ڳوٺ ۾ ويس ۽ سندن چونڊن واري مهم هلايم. ان کان پوءِ به آءٌ ڪيترا ڀيرا ساڻن گڏ هت آيو آهيان.

جڏهن ساڻن گڏ ايندو هوس ۽ سندن محفل ٿيندي هئي ته ان محفل ۾ گل ٽڙندا هئا، مکڙيون مرڪنديون هيون، بلبلن جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. جيستائين سندن ديدار نصيب ۾ هو، جيڏانهن به نظر وئي ٿي، گل و گلزار ڏسڻ ۾ آيو ٿي. اوهين يقين ڪريو ته هاڻي به ڪالهه رات جڏهن آءٌ هن شهر ۾ داخل ٿيس ته مون کي ائين لڳو، چڻ شهيد جي ساهه، سندن جسم ۽ لباس جي خوشبو سڄي فضا ۾ پکڙيل آهي. فضا ۾ هن جي ياد اهڙي طرح پکڙيل آهي جو جيڏانهن به نظر وئي، سندس آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

هن عظيم ۽ محب شهر ۾ هاڻي مون کان اها خواهش ڪئي پئي وڃي ته آءٌ اهو عرض ڪريان ته قومي اتحاد ۽ وفاقيت لاءِ شهيد ڀٽي جو ڪهڙو حصو آهي. آءٌ پڇڻ گهران ٿو ته ڇا قومي اتحاد ۽ وفاقيت ۾ ٻئي ڪنهن جو به ڪو حصو هو، جو شهيد ڀٽي جي حصي تي ڳالهه ڪئي وڃي؟ هُو ته ان جو باني هو، ان کان اڳ وفاقيت جو تصور ئي



www.bhutto.org

ڪونہ هو. ١٩٣٥ع وارو انڪٽ آزاديءَ کان ٢٣ سال پوءِ بہ رائج هو ۽ هلندو رهيو. ١٩٥٦ع ۾ پهريون آئين نهيو. ان ۾ وفاقي نظام جو نالو نشان ڪونہ هو. پهريون پيرو ان ۾ اوڀر پاڪستان جي عليحدگي جو ٻج ڇٽيو ويو. ماڻهو پڇن ٿا تہ اوڀر پاڪستان کي ڪنهن ڏار ڪيو. آءٌ چوان ٿو تہ ١٩٥٦ع جي آئين جي فقرن اوڀر پاڪستان کي اسان کان ڌار ڪيو. هنن "پئرٽيءَ" جو بنياد رکيو. انهن "هڪ ماڻهو هڪ ووٽ" واري اصول کي نظر انداز ڪري، اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان لاءِ پنجاهہ-پنجاهہ سيڪڙو جايون مقرر ڪيون. ان کان پوءِ ون يونٽ نهيو ۽ اهڙي ريت اوڀر پاڪستان ۾ رهندڙن کي اهو تاثر ڏنو ويو تہ اولهہ پاڪستان سندن استحصال ڪرڻ گهري ٿو، کين بينڪيت بنائڻ گهري ٿو. سندن وسيلن تي قبضو ڪرڻ گهري ٿو- ۽ ان ڪري اُهو آهستي آهستي اسان کان پري ٿيندو ويو. وري ١٩٦٢ع ۾ ايوب خان پنهنجي آئين وسيلي آمريت کي وڏيڪ ڳوڙهو بڻائي ڇڏيو. ١٩٦٢ع جي آئين ۾ بہ وفاقيت جو نالو نشان بہ ڪٿي هو؟ يحيٰ خان پنهنجو آئيني خاڪو ڏنو تہ آمريت جو پاڇو وڌيڪ ڳوڙهو ٿي ويو. اهو اڳي کان اڳرو هو ۽ اهڙي طرح اوڀر پاڪستان جي عوام کي اهو يقين ٿي ويو تہ پاڪستان ۾ ساڻن انصاف نہ ٿيندو، کين ڌار ٿيڻ گهرجي. ۽ آءٌ اهل نظر کي چوڻ گھُران ٿو تہ اوڀر پاڪستان جي محبِ وطن تي طنز ڪَرڻ کان پهرين اها ڳالهہ ذهن ۾ رکو تہ وطن جي حب لاءِ اِن سر زمين سان عدل ۽ انصاف جو شرط رکيل آهي. ڪنهن سر زمين تي جڏهن عدل ۽ انصاف نہ ٿو ملي تہ اُن وطن جي، انهيءَ سرزمين جي محبت بہ دلين مان نڪري وڃي ٿي. ان ڪري ظلم ۽ ستم جي ماحول، پرماريت ۽ استحصال واري ماحول ۾ اوڀر پاڪستان طرفان ڌار وطن جي گھُر ڪرڻ ڪا وڏي زيادتي جي ڳالهہ آهي؟ اهو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ئي هو،



www.bhutto.org

جنهن ۱۹۷۳ع ۾ پهريون پيرو آئين ذريعي قومي ايڪي ۽ وفاقيت جو بنياد رکيو. مون کي اِهو فخر حاصل آهي ته ان وقت جي قومي اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر ۽ سرڪاري ڌر جي چوڏهن ميمبرن واريءَ آئين ساز ڪميٽي ۾ آءٌ به ميمبر هوس. ان ڪميٽي جا جيڪي اجلاس ٿيا، تن ۾ هڪ هڪ فقري تي بحث ٿيو. اختلافي معاملن تي اسين شهيد وٽ ويندا هئاسين ۽ ڪانئن رهنمائي حاصل ڪندا هئاسين. اهي سڀ ڳالهيون اجا به منهنجي ذهن ۾ تازيون آهن. ان سموري بحث ۽ سيني ڳالهين کي آڏو رکندي، آءٌ چوان ٿو ته هِن ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪنهن قومي ايڪي، وفاقي نظام، پارلياماني نظام جو بنياد رکيو ته اهو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هو.

هِن ملڪ جي رهندڙن تي شهيد جو سڀ کان وڏو احسان اهو آهي ته هن ملڪ ۾ صدارتي نظام بدران پارلياماني نظام رائج ڪيو.

اوهين ڄاڻو ٿا ته هن جڏهن اقتدار سنڀاليو ته هو صدر جي حيثيت ۾ اقتدار ۾ آيو. پاڻ چاهي ها ته ملڪ ٽُٽڻ کان پوءِ، استحڪام جي نالي ۾، پنهنجي اڪثريت جي آڌار تي، صدارتي نظام رائج ڪري سگهيو ٿي ۽ پاڻ صدر تي سگهيو ٿي. پر مون کي سندن سوچ بابت ڄاڻ آهي. هو چوندو هو ته هِن ملڪ جي آبادي جو انداز اهڙو آهي جو هڪ صوبي جي آبادي سٺ سيڪڙو آهي ۽ باقي ٽيئي صوبا ملي چاليهه سيڪڙو آبادي رکن ٿا. جيڪڏهن صدارتي نظام رائج ڪيو ويو ته پوءِ هڪ صوبو هميشه پنهنجو صدر چونڊيندو ۽ اهڙي طرح باقي ٽيئي صوبا محرومي واري احساس جو شڪار ٿي ويندا. سندس اهائي سوچ هئي، جنهن جي ڪري هن مخالف ڌر جي سمورين پارٽين ۽ سمورين ديني ۽ ٻين سياسي پارٽين جي تعاون سان، ۱۹۷۳ع جو اهڙو آئين جوڙيو، جنهن تي سڀ متفق هئا ۽ جنهن تي اتفاق راءِ



www.bhutto.org

هو. سڄي قومي اسيمبلي، جنهن ۾ تمام ناميارا ۽ وڏا سياستدان موجود هئا، تنهن ۾ ڪوبہ اهڙو آواز نہ اٿاريو ويو، جيڪو ان آئين سان اختلاف رکندو هجي.

وفاقيت لاءِ سندن اهم ڪارنامو سينيٽ قائم ڪرڻ آهي. هن مٿيون ايوان ان ڪري قائم ڪيو تہ جيئن آبادي جي شرح جي بنياد تي اميدوارن جي چونڊ سبب هيٺئين ايوان ۾ جيڪو عدم توازن آهي سو سينيٽ وسيلي ختم ٿي وڃي. هر صوبي جي هڪجيتري نمائندگي هجي ۽ ان وقت تائين ڪوبہ معاملو منظور نہ ٿي سگهي، جيستائين سينيٽ ان جي تائيد ۽ منظوري نہ ڏئي. وفاقيت لاءِ شهيد جو اهو تمام وڏو ڪارنامو هو. سندن ٽيون ڪارنامو اِهو هو تہ انهيءَ آئين ۾ هن صوبن جي حقن ڪي تحفظ ڏنو ۽ اهڙيون اقتصادي گنجائشون رکيون، جن هيٺ اڄ بہ سرحد ۽ بلوچستان کي بجلي ۽ سوئي گئس جي رائلٽي ملي ٿي، جنهن جي ڪري اهي سرپلس ۾ آهن. اهو سندن ڪارنامو هو جو هن آئين ۾ صوبن جي حقن جي ضمانت ڏني ۽ مون کي اهو ڏينهن ياد آهي، جڏهن آئين مڪمل ٿي ويو ۽ قومي اسيمبلي جو اجلاس ٿيو تہ آئين جي مسودي تي صحيح ڪرڻ لاءِ هڪ هڪ ميمبر اٿندو رهيو. انهن صحيح ڪندڙن ۾ مفتي محمود بہ هو، خان عبدالولي خان بہ، مير غوث بخش بزنجو بہ هو ۽ سردار عطاءُ الله مينگل بہ، ممتاز دولتانا بہ هو ۽ سردار شوڪت حيات بہ، مولانا شاهہ احمد نوراني بہ هو ۽ پروفيسر غفور احمد بہ هو. سڀ واري واري سان اٿندا ويا ۽ شهيد طرفان مرتب ڪرايل قانون جي ان مسودي تي صحيح ڪندا ويا. ان اجلاس کان پوءِ شام جو اسين سڀ شهيد جي قيادت هيٺ هڪ جلوس جي شڪل ۾ اسلام آباد کان راولپنڊي ۾ پرائيم منسٽر هائوس ڏانهن روانا ٿياسين. ائين پئي لڳو، ڄڻ سڄو



www.bhutto.org

راولپنڊي شهر رستن تي نڪري آيو آهي. شهيد تي گلن جي ورڪا ٿي رهي هئي ۽ ماڻهو اهو جشن ملهائي رهيا هئا تہ اڄ پهريون ڀيرو پاڪستان کي متفق وفاقي، پارلياماني، قومي آئين نصيب ٿيو آهي. ان آئين جا ڪي ٻيا رُخ بہ هئا. اوهين انهن کي ثقافتي ۽ مذهبي نقطہء نظر سان ڏسندا هوندا، پر مون کي آئين ساز ڪميٽي جو ميمبر هئڻ جي ڪري شهيد جي جيڪا رهنمائي حاصل هئي ۽ ان ڏس ۾ لاتعداد ڀيرا جيڪو بحث ٿيو، ان کي آڏو رکندي، آءٌ سندن باري ۾ ڪو ٻيو خيال ۽ سوچ رکان ٿو. مون کي ڄاڻ آهي تہ عرفِ عام ۾ شهيد ڪو مذهبي ماڻهو نہ هو. آءٌ پنهنجي ذاتي ڄاڻ ۽ اسلام جي موضوع تي لاتعداد ڀيرا ساڻن ٿيل بحث کي آڏو رکندي، دعوا سان چوان ٿو تہ هو ترقي پسند، روشن خيال ۽ انقلابي مسلمان هو. پيغمبر اسلام جي روضي تي حاضريءَ وقت روئندي سندن اکيون سُڄي وينديون هيون. صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام سان ڪين ڳوڙهي عقيدت هئي. اسين جڏهن ايران جي دوري تي وياسين ۽ مشهد مقدس پهتاسين، جتي هن سونا دروازا ڏٺا، تہ مون کي چيائين تہ آءٌ چاهيان ٿو تہ هتان اهڙي قسم جا بہ دروازا ٺهرايان ۽ پاڪستان وجي حضرت داتا گنج بخش ۽ حضرت شهباز قلندر جي مزار تي لڳرايان. انهيءَ دوري ۾ هن واسطيدار ايراني ڪاريگرن کي گهرايو. ڪين آرڊر ڏنو ۽ جڏهن اهي دروازا ٺهي پهتا تہ بنا ڪنهن پبلسٽي ۽ شُهرت حاصل ڪرڻ جي، اهي دروازا حضرت شهباز قلندر ۽ حضرت داتا گنج بخش رحمت الله عليہ جي مزار تي لڳايا ويا. ڪين ڄاڻ هئي تہ سوشل اڪنامڪ جسٽس سان گڏوگڏ پاڪستاني قوم ۽ اُن جي اتحاد جو بنياد نوس اسلامي عقيدو بہ آهي. هو اقبال جو هن مطلب وارو شعر پڙهندا هئا:

"پنهنجي ملت لاءِ مغربي قومن جي ڀيٽ سان گمان نہ ڪر."



www.bhutto.org

هڪ پيرو هڪ جلسي ۾ پڻ اهو شعر پڙهيائون:

"پنهنجي ملت لاءِ مغربي قومن جي پيٽ سان گمان نہ ڪر،
رسول هاشمي جي قوم پنهنجي جوڙجڪ ۾ خاص آهي."

هو اها ڄاڻ رکندو هو تہ اسان جو قومي ايڪو هڪ خدا، هڪ ڪتاب ۽ هڪ رسول واري بنيادي عقيدي تي ٻڌل آهي. ان ڪري پاڻ انهن ٽنهي عقيدن کي پنهنجي آئين ۾ تحفظ ڏنائين. مذهب جا ٺيڪيدار ۽ اجاره دار ڪجهہ بہ چون ۽ پاڻ کي جنت جو مالڪ سمجهن پر هن ملڪ ۽ اسٽيٽ کي توحيد جو ڪلمو تہ ذوالفقار علي ڀٽي پڙهايو. ان ڪري جو اِن کان اڳ پاڪستان جي آئين ۾ اهو لکيل نہ هو تہ اسلام پاڪستان جو سرڪاري مذهب هوندو.

جيئن ڪو فرد ڪلمو پڙهي مسلمان ٿئي ٿو، تيئن هڪ ملڪ ۽ اسٽيٽ بہ اهو ڊڪليئر ڪري تہ اسلام ان جو سرڪاري مذهب آهي، قبول اسلام جو اعلان ڪري ٿي ۽ ڪلمو پڙهي ٿي. قرآن پاڪ موجود هو، پر ڪنهن کي بہ اهو خيال نہ هو تہ قرآن پاڪ غلطين سان ڇاپيو پيو وڃي. اوهين ڄاڻو ٿا تہ قرآن پاڪ جي غلطين جو معاملو ڪيترو نازڪ آهي ۽ اهو ڪيترو حساس معاملو آهي. سورة فاتحہ ۾ اوهان "انعمتَ" چيو تہ ان جو مطلب آهي تہ اي الله، "تو جن تي انعام ڪيو" ۽ جيڪڏهن اوهان "انعمتُ" چئي ڇڏيو تہ ان جو مطلب آهي "مون جن تي انعام ڪيو." فقها جو چوڻ آهي تہ زير زبر واري انهيءَ فرق سان ايمان زير زبر ٿي وڃي ٿو ۽ ڪفر لازم اچي ٿو. شهيد ڀٽو صاحب قرآن پاڪ کي غلطين کان پاڪ ڪري ڇاپڻ لاءِ آئين ۾ گنجائش رکي ۽ ان موجب قانون سازي ڪئي. اُن دَور ۾ اسان کي انڊونيشيا مان هڪ خط مليو تہ مشهور ادارو تاج ڪمپني جيڪي قرآن پاڪ انڊونيشيا موڪلي رهيو آهي، تن ۾ ڪيئي صفحا غائب هوندا



www.bhutto.org

آهن، ڪيئي آيتون غائب هونديون آهن. شهيد پنهنجي مون کي گهرايو ۽ چيو ته اهڙو بل تيار ڪيو وڃي، جنهن موجب هر صفحي تي هڪ عالم ۽ هڪ حافظ جو اهڙو سرٽيفڪيٽ لڳل هجي ته مون ان نسخي کي پڙهيو آهي ۽ هڪ هڪ زير زبر ڏٺي آهي، هاڻي هن قرآن پاڪ ۾ ڪا به غلطي ڪانهي.

تيون بنياد هڪ رسول جو آهي. هڪ رسول ان ڪري جو هڪ خدا تي ايمان ته يهودي به رکن ٿا، سک به رکن ٿا. هو اسان وانگر بلڪه اسان کان وڌيڪ موحد آهن. هاڻي عيسائين ۽ هندن ۾ به اهڙا فرقا نڪري پيا آهن، جيڪي خدا جي وحدانيت جو اعلان ڪن ٿا ۽ خدا کي هڪ مڃين ٿا. پر اسلامي معاشري جي رڪنيت لاءِ رڳو خدا تي ايمان آڻڻ ڪافي نه آهي، جيستائين رسول تي ايمان آڻڻ جو اعلان نه ڪيو وڃي ۽ رسول تي ايمان به ان معنيٰ ۾ ته آخري رسول آهي. جيستائين رسول پاڪ کي آخري نبي نه مڃيو ويندو، تيستائين ايمان مڪمل نه ٿيندو.

باصد يقين و باصد اعتبار ديده وري،
تجهي په ختمر هے روح الامين کي نامه بري.

اهو رسول پاڪ جو درجو آهي، ۽ اهو شهيد ئي هو، جنهن قومي ايڪي جي انهيءَ نڪتي کي آئين ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ ختم نبوت کي آئين جو جُز بڻائي ڇڏيو. پر حاضرين، اسان شهيد جي انهن احسانن جو چڱو بدلو ڏنو. هتي جج ۽ ناميارا قانوندان ويٺل آهن. آءٌ اسلام جي هڪ ادنيٰ طالبعلم جي حيثيت ۾ چئلينج ڏيان ٿو ۽ سڄي دنيا کي چئلينج ڪريان ٿو ته اسلام ۾ واعدي معاف شاهد جو ڪو تصور موجود ڪونهي، اهو ڪافراڻو تصور آهي. اهو غير اسلامي آهي ۽ ان جي بنياد تي جيڪو فيصلو ٿئي ٿو، اهو هميشه ڪافراڻو ۽ ظالماڻو



www.bhutto.org

ٿئي ٿو ۽ اسلام جي مطابق نٿو هجي. هاڻي تہ فيڊرل شريعت ڪورٽ بہ اهو فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي تہ واعدي معاف شاهد جو تصور اسلام ۾ موجود ڪونهي. اسلام جي عدل واري نظام ۾ گهٽ ۾ گهٽ جي جيوري جو بہ ڪو تصور ڪونهي. هڪ جج يا هڪ قاضي فيصلو ڪندو آهي. جيوري ۾ گهڻا جج رکن نہ هوندا آهن ۽ انهن ۾ ڊويزن ۽ ورڇ سبب فيصلو لاڳو ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ججن ڪي رٽائر ڪبو رهجي ۽ اهڙي طرح اُنهن کي اقليت بڻائي ڇڏيو وڃي، جيڪي ڪنهن جي حق ۾ فيصلو ڏيڻ وارا هجن. اهو انصاف نہ هو. اها عوام ۽ عوام جي قائد خلاف هڪ سازش هئي. قومي ايڪي ۽ وفاقيت جي باني ذوالفقار علي ڀٽي آمريت ۽ استحصال خلاف جيڪا جدوجهد ڪئي هئي، تنهن جي ڪري آمريت جي گماشتن ڪيس اسان کان، عوام کان، کسي ورتو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سقراط زهر جو پيالو پي پاڻ کي امر بڻائي ڇڏيو ۽ چيو تہ

"ڪفن ٻڌي تياري ڪريو تہ منهنجي دشمنن کي اهو گمان نہ رهي تہ موت سبب اسان عشق جي غرور جو بانڪپن وساري ڇڏيو آهي."

"اسين جيڪڏهن بيهي رهيا سين تہ ڳري پهاڙ جيان هئاسين، ۽ هلڻ تي آيا سين تہ جان قرباني ڪري ڇڏيسين: يار جي راهہ ڪي اسان قدم قدم تي يادگار بڻائي ڇڏيو."

حاضرين گرامي، شهيد ڪڏهن بہ مرندا نہ آهن. شهيد زنده رهندا آهن. ذوالفقار علي ڀٽو بہ زنده آهي، شاعر چيو آهي تہ

ڪنهن ٻئي افق تي روشن هوندو،
سج ڪڏهن غروب نہ ٿيندو آهي.

سج لهندو ڪونهي، لهي وري طلوع ٿيندو آهي- ۽ ذوالفقار علي



www.bhutto.org

ڀٽو بہ غروب ٿيڻ کان پوءِ محترمہ بينظير ڀٽو جي شڪل ۾ وري طلوع ٿيو آهي. شهيد اڄ بينظير جي بيمثال جدوجهد ۾ جيئرو آهي. ان جي قربانين ۾ زنده آهي. سندس ڪاميابين ۾ زنده آهي. مون کي ياد آهي تہ بينظير اڃا ٻار هئي تہ شهيد اسان کي چوندو هو تہ مون کي پنهنجي هِن ڌيءَ تي فخر آهي. هيءَ وڏي ٿي منهنجو مشن مڪمل ڪندي. هو چوندو هو تہ جهڙي ريت پنڊت جواهر لعل نهروءَ اندرا گانڌي کي اڳواڻيءَ جي تربيت ڏني، آءٌ بہ بينظير کي تربيت ڏيندس. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اندرا گانڌي ڪڏهن بہ آمريت ۽ ڊڪٽيٽرشپ جو مقابلو نہ ڪيو. ڪيس فوج جي پاڇي هيٺ جمهوريت جي جدوجهد ڪرڻ جو بہ اتفاق نہ ٿيو. اها بينظير هئي، جنهن پنهنجي جوانيءَ جا پنج قيمتي سال قيد و بند جي تڪليفن ۾ گذاريا.

مون کي ياد آهي تہ آخري زماني ۾ شهيد منهنجي سامهون پرڏيهي کاتي جي عملدارن کي حڪم ڏنو تہ پرڏيهي معاملن بابت سمورا فائيل سندس آڏو پيش ڪرڻ کان اڳ بينظير کي موڪليا وڃن. اهڙي طرح، پرڏيهي معاملن جهڙي حساس ڪم ۾ بہ هُو بينظير جي قيادت ۽ صلاحيت تي ايڏو اعتماد ڪندو هو.

خواتين و حضرات! اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي يوم ولادت تي آءٌ چوان ٿو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو مئو ڪونهي. هو اڄ بہ اسان ۾ موجود آهي. هو محترمہ بينظير ڀٽو جي روپ ۾ موجود آهي:

"آئون مرڻ کان پوءِ بہ وفا جي بزم ۾ جيئرو آهيان: منهنجي محفل جي ڳولا ڪر، منهنجي مزار جو ڏس نہ پُڇ."

٭



www.bhutto.org